ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 11 جنوري 2026ع 21 رجب المرجب 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (149)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دهشتگرد عنصرن کي خيبرپختونخوا ۾ لڪڻ جي جاءِ نه ملندي، قوم جي مسلسل حمايت سان سندن خاتمو ممڪن ٿيندو: گهرو وزير

ڪي پي ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، 11 ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد مارجي ويا، وڏي انگ ۾ هٿيار هٿ

اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 خارجي مارجي ويا، ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن دوران 5 خارجين مارجي ويا

مارجي ويل خارجين جو تعلق ڀارتي پراڪسي فتنه الخوارج سان هو، دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو، مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ دهشتگردي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جي ڪارروائين ۾ ملوث هئا

عزم استحڪام تحت دهشتگردي جي خلاف جاري مهم شدت سان جاري آهي، پرڏيهي سرپرستي هيٺ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروائيون جاري رهنديون، سندن خاتمو اٽل: ترجمان پاڪ فوج

سيڪيورٽي فورسز خارجين جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻائيندي ملڪ ۽ عوام جي حفاظت ڪئي، وقت سر ۽ اثرائتيون ڪارروائيون دهشتگردن جي خطرن کي ختم ڪرڻ لاءِ فورسز جي پختي عزم کي ظاهر ڪن ٿيون: وفاقي گهرو وزير

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مختلف ڪارروائين دوران 11 خارجي مارجي ويا، جڏهن ته اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 خارجي مارجي ويا، جڏهن ته ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن ۾ آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته مارجي ويل خارجين جو تعلق ڀارتي پراڪسي فتنه الخوارج سان هو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

فريال ٽالپر جي نياڻي جو نڪاح حافظ غلام محمد قادري محمودي مٽياري واري پڙهايو

گهوٽ سان گڏ صدر آصف علي زرداري نڪاح واري دستاويزات تي بطور شاهد صحيحون ڪيون

مٽياري (رپورٽ: ماجد ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي عورت ونگ جي اڳواڻ ميڊيم فريال ٽالپر جي نياڻي جي نڪاح

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

مٽياري: حافظ غلام محمد سوهو مير منور ٽالپر ۽ فريال ٽالپر جي نياڻي جو نڪاح پڙهائي رهيو آهي صدر آصف علي زرداري نڪاح نامي تي صحيح ڪري رهيو آهي

صدر پاران پاڪ بحريه جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش

ايل واءِ - 80 (اين) ميزائل ۽ لوئٽرنگ ميونيشن جي ڪامياب تجربي تي قوم کي مبارڪون

صدر مملڪت پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن جي پيشيوراڻي مهارت ۽ آپريشنل تياري جي تعريف ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ايل واءِ - 80 (اين) ميزائل ۽ لوئٽرنگ ميونيشن جي ڪامياب تجربي تي پاڪ بحريه جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ گورننس نالي ڪا شيءِ ناهي، صوبائي حڪومت مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي: وزيراعظم

وزيراعظم سان خيبرپختونخوا سان تعلق رکندڙ عوامي نمائندن ملاقات ڪئي، صوبي جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ عوام کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

خيبرپختونخوا جي عوام جي مسئلن جي سڄي خبر آهي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي دائره اختيار اندر انهن مسئلن جي پائيدار حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي: شهباز شريف

صحت، تعليم، انفرا اسٽرڪچر ۽ عوامي ڀلائي جي حوالي سان صوبائي حڪومت وٽ ڪا به واضح پاليسي موجود ناهي، عوامي مسئلن طرف خيبرپختونخوا حڪومت جو ڪو به ڌيان نه آهي

خيبرپختونخوا ۾ جاري وفاقي ترقياتي منصوبن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ ۽ عوامي مسئلن جو حل وفاقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته خيبرپختونخوا جي عوام جي مسئلن جي سڄي خبر آهي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي دائره اختيار اندر انهن مسئلن جي پائيدار حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان خيبر پختونخوا جا اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

پاڪستان زمين کان فضا تائين مار ڪندڙ ايل واءِ 80 ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪري ورتو

پاڪ نيوي ايل واءِ ايٽ زيرو ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو، جنهن فضا ۾ موجود هدف کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان نيوي زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، پاڪ نيوي عربي سمنڊ ۾ مشقن دوران زمين کان فضا ۾ ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي آءِ ايس پي آر موجب، پاڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف شعبي ۾ سهڪار، پاڪستاني ۽ آمريڪي فوجن جي گڏيل مشق شروع

ٻنهي ملڪن ۾ گڏيل مشق جي شروعات 9 جنوري 2026 کان نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر پبي ۾ ٿي

گڏيل مشق جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ تجربن جي ڏي وٺ ذريعي هم آهنگي ۾ واڌ قرار

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ آمريڪا جي فوجن وچ ۾ 13هين ٻه طرفي گڏيل مشق انسپائرڊ گيمبٽ 2026 جي شروعات ٿي وئي آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب گڏيل مشق جي شروعات 9 جنوري 2026 کان نيشنل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

انجنيئر امير مقام پاران پشاور يونيورسٽي جي استادن جي پگهارن لاءِ احتجاج تي ڳڻتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزيرانجنيئر امير مقام پشاور يونيورسٽي جي استادن جي پگهارن لاءِ جاري احتجاج تي شديد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسپيڪر پاران پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن کي خراج تحسين

ايل واءِ 80 ميزائل جي ڪامياب تجربي تي قوم، پاڪ نيوي کي مبارڪون

ملڪي دفاع کي مضبوط بڻائڻ ۾ پاڪ نيوي جو ڪردار واکاڻ جوڳو آهي: اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق زمين کان فضا ۾ مار ڪندڙ ايل واءِ 80 ميزائل جي ڪامياب تجربي تي قوم پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن کي مبارڪون ڏنيون آهن گڏيل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

جون تائين آءِ ايم ايف پروگرام مان نڪري وينداسين: رانا مشهود

پاڪستان معاشي طور پاڻ ڀرو ٿيڻ طرف گامزن آهي، ملڪ ترقي ڪندو

2026ع جي وچ ڌاري تائين آءِ ايم ايف جي مدد جي ضرورت نه پوندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام (پي ايم واءِ پي) جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو آهي ته پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني شهرين کي ايران جو سفر ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

پرڏيهي وزارت پاران ايران جي حوالي سان پاڪستاني شهرين لاءِ ٽريول ايڊوائيزري جاري

پاڪستاني شهري انتهائي احتياط اختيار ڪن ۽ غير ضروري اچ وڃ گهٽ کان گهٽ رکن: ايڊوائزري

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي وزارت پاڪستاني شهرين کي چيو آهي، ته پنهنجي حفاظت ۽ سلامتي لاءِ حالتون بهتر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فرانس ۽ برطانيا ۾ طوفان گوريٽي سبب وڏي پيماني تي تباهي، لکين ماڻهن کي بجلي جي فراهمي

پيرس (اي پي پي) فرانس ۽ برطانيا ۾ طوفان گوريٽي سبب وڏي پيماني تي تباهي ٿي آهي ۽ لکين ماڻهن کي بجلي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نيو اسلام آباد ايئرپورٽ سميت حيدرآباد ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي نجڪاري لاءِ ڪميٽي قائم

وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي جي صدارت هيٺ نجڪاري ڪميشن بورڊ جو اجلاس ٿيو

بورڊ هائوس بلڊنگ فنانس ڪمپني جي نجڪاري جو موجوده عمل ختم ڪرڻ جي سفارش، 51 سيڪٽرز شيئرز جي نيلامي ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو

پاڪستان مورگيج ري فائنانس ڪمپني جي 4.2 ارب جي بولي رد ڪئي وئي، انهي ڪمپني جي ريفرنس قيمت 13 ارب 55 ڪروڙ روپيه هئي

اجلاس ۾ ايئرپورٽ نجڪاري ۾ گورنمنٽ ٽو گورنمنٽ ماڊل رد ڪري اوپن بولي جو رستو اپنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) نيو اسلام آباد ايئرپورٽ سميت حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال ۽ انڊونيشيا جي واپار واري نائب وزير ڏاهر تي صحيحون ڪري رهيا آهن

ايران جي حڪومت، پنهنجي شهرين کي ماريو ته اسان ڪارروائي ڪنداسين: آمريڪا جي ٻيهر ڌمڪي

ايران ۾ مظاهرين ڪئين شهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن جنهن جي باري ۾ ڪنهن سوچيو به نه هو: صدر ٽرمپ

عالمي ادارن مطابق 28 ڊسمبر تي احتجاج ڪانپوءِ ايران ۾ هن وقت تائين گهٽ ۾ گهٽ 48 مظاهرو ڪندڙ مارجي چڪا آهن

آمريڪا ماڻهن کي اڪسائڻ، تشدد جي حوصلا افزائي ۽ امن استحڪام ۾ خلل وجهي مداخلت ڪري رهيو آهي: ايران

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران جي حڪومت وڏي مصيبت ۾ آهي جيڪڏهن هن پنهنجي شهرين کي ماريو ته اسان انهن کي انتهائي شدت سان مارينداسين ته گهڻي تڪليف ٿيندي پرڏيهي ميڊيا مطابق ايران ۾ مظاهرين تي پنهنجي تازي ردعمل ۾ آمريڪي صدر چيو ته ايران جي حڪومت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

27هين آئيني ترميم سنڌ جي وسيلن خلاف آهي اسان به حقيقي جمهوريت لاءِ وڙهون پيا: سهيل آفريدي

وفاق صوبي جي حقن تي ڌاڙا هڻي پيو، ڪي پي ڪي سان مائٽيلي وارو سلوڪ اختيار ڪيو پيو وڃي

موجوده وفاقي حڪومت جعلي آهي، ان کي تسليم نٿا ڪيون گيم ڪري هٿ ٺوڪيا ماڻهو حڪومت ۾ مصلحت ڪيا ويا آهن

ٻين صوبن جي وڏن وزيرن لاءِ ايئرفورس جو جهاز هوندو آهي پر ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سان امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد/ڄامشورو (اسٽاف رپورٽر/م د) ڄامشورو ڄامشورو تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين زين شاهه پاران ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي کي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪي پي ڪي جو وزيراعلي سهيل آفريدي پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪري رهيو آهي

آئين جي بالادستي ۽ عوامي اختيار جي تحفظ لاءِ عمران خان جو ڪردار اهم آهي: سلمان اڪرم راجا

حيدرآباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۾ سهيل آفريدي جي پهچڻ تي پي ٽي آئي ڪارڪنن جي نعريبازي، بدنظمي

ڄامشورو: جي ايم سيد ايڊيفيس ڄامشورو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ۾ ڪي پي ڪي جي وزيراعلي جو شاندار استقبال ڪيو ويو

نوري آباد: پي ٽي آءِ ڪي پي ڪي جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پي ٽي آءِ ڪارڪن سهيل آفريدي جي حيدرآباد پهچڻ تي استقبال ڪري رهيا آهن

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار پاران ڪي پي ڪي جي وڏي وزير کي آجياڻي ساٿ جو اعلان

سنڌ جي وڪيلن جي طرفان ڏنل آجياڻي تي دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو: سهيل آفريدي

بنيادي حقن، آئين قانون ۽ جمهوريت جي بالادستي لاءِ آئين صفن ۾ بيٺل آهي ۽ ملڪ ۾ انصاف جي فراهمي بنا آزاد عدليه ممڪن ناهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) خيبرپختونخوا جي وزيراعلي محمد سهيل آفريدي جي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ انصاف لائيرز ونگ سنڌ ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان بنيادي حڪمراني کي تبديل ڪرڻ چاهي ٿي: زين شاهه

اسان احتجاج ۽ جلسا ڪرڻ نه ٿا ڏنا وڃن، هر روز اسان تي ايف آئي آر داخل ڪيون ٿيون

اسان جي هڪ ئي گڏيل راءِ آهي ته ملڪ اندر آئين تحت جمهوري نظام قائم هجي

ڄامشورو: ڪي پي ڪي جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي جي ڄامشوري ۾ شاندار آجيان ڪئي وئي سهيل آفريدي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پي ٽي آءِ کي ڪراچي ۾ ريلي اجازت ڏئي ڇڏي، جلسي جون تياريون شروع

پي ٽي آءِ کي جناح گرائونڊ ۾ ٿيندڙ ريلي لاءِ اين او سي شرطن سان جاري ڪيو ويو آهي

پاڪستان ۽ رياستي ادارن خلاف ڪنهن به قسم جي تقرير جي اجازت نه هوندي: شرجيل ميمڻ

باغ جناح گرائونڊ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جلسي جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون، سامان پهچي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پي ٽي آءِ کي باغ جناح ڪراچي ۾ ريلي ڪڍڻ جي تحريري اجازت ڏئي ڇڏي آهي ڊپٽي ڪمشنر ايسٽ پڻ پي ٽي آءِ جي درخواست تي تحريري اجازت جاري ڪئي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

قومي معيشت محفوظ هٿن ۾ آهي، دنيا جا مالياتي ادارا ان کي تسليم ڪن ٿا: وفاقي وزير اطلاعات

ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ مسلسل بهتر ٿي رهيا آهن، شڪر آهي ته پاڪستان ڊيفالٽ جي ڪناري تان واپس اچي چڪو آهي

مولانا فضل الرحيم جي درجن جي بلندي لاءِ دعاڳو آهيان، هن سان روحاني رشتو هو سندس ديني خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو

صرف ڊسمبر جي مهيني ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين 3.6 ارب ڊالرن جو مثالي ناڻو ڏيهه موڪليو آهي: عطاءُ الله تارڙ

لاهور (اي پي پي) سنڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان جي معيشت محفوظ هٿن ۾ آهي ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ بهتر ٿي رهيا آهن سڄي دنيا جا مالياتي ادارا پاڪستاني معيشت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ، جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ايل واءِ 80 دفاعي ميزائل جو تجربو اهم ڪاميابي آهي: سرفراز بگٽي

پاڪ بحريه کي دفاعي ميزائل جي ڪامياب تجربي تي پوري قوم کي دلي مبارڪون

پاڪستان جو دفاع مضبوط، موثر ۽ ناقابل تسخير بڻجي چڪو آهي: وزيراعلي بلوچستان

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي پاڪ بحريه طرفان جديد ايل واءِ 80 دفاعي ميزائل جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ صوبي ۾ 13 هزار کان وڌيڪ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن: شرجيل ميمڻ

صحت، تعليم، زراعت، روڊن، آبپاشي ۽ سماجي منصوبن تي ڪم تيزي سان جاري آهي

منصوبي جو مقصد عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ، اقتصادي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي

مختلف شهرن ۾ پاڻي جي فراهمي، صفائي ۽ ويسٽ واٽر مينيجمينٽ ۾ به بهتري آندي وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته صوبي ۾ هن وقت تائين 13 هزار

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي آصفه ڀٽو سان ڳالهائي رهيو آهي

آصفه ڀٽو پاران جلد پ پ ليڊيز ونگ جو ڪنوينشن ڪرائڻ جو اعلان

صدر مملڪت جي نياڻي ايم اين اي ابرار شاهه جي پٽ جي شادي تقريب ۾ شريڪ

1975ع ۾ بيگم نصرت ڀٽو حيدرآباد ۾ ليڊيز ڪنوينشن جي صدارت ڪئي هئي

سڄي دنيا اهو ڄاڻڻ چاهي ٿي ته بلاول ڀٽو جي شادي ڪڏهن ٿيندي: عبرت عيوض جو سوال

انشاءَ الله بلاول ڀٽو جي شادي جلد ٿيندي، هو ڏينهن رات عوامي خدمت ڪري رهيو آهي: آصفه

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صدر مملڪت آصف علي زرداري جي نياڻي پيپلزپارٽي جي رهنما ۽ قومي اسيمبلي جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحيم جون خدمتون هميشه ياد رهنديون: محسن نقوي

سندس ديني، تعليمي ۽ سماجي خدمتون اهم آهن: وفاقي گهرو وزير

هن معاشري ۾ امن ۽ پاڻيچاري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو

لاهور (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته شيخ الحديث مولانا فضل الرحيم فرقيواريت ۽

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ جي مختلف وڏن ڪاتن ۾ ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو

اينٽي ڪرپشن کاتي جي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو

صوبي ۾ 22 مختلف کاتن خلاف 13 هزار 603 ڪرپشن جون شڪايتون مليون آهن: ڊي جي امتياز ابڙو

اجلاس ۾ ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ۽ فوري ڪارروائي جي منظوري ڏيندي اهم فيصلا ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ مختلف وڏن کاتن خلاف مليل ڪرپشن جي شڪايتن تي سخت ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي اينٽي ڪرپشن کاتي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو آبپاشي نظام ۽ زرعي ترقي صوبي جي معيشت لاءِ انتهائي اهم آهي: وڏو وزير

خوراڪ ۾ خودڪفالت حاصل ڪرڻ ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ آبپاشي جي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ضروري آهي

بئراج جي اپ گريڊيشن جو مقصد لکين آبادگارن لاءِ پاڻي جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ آهي

ڪراچي کي پاڻي جي فراهمي ۾ 50 سيڪڙو واڌ لاءِ ڪي بي فيڊر جي لائيننگ جو ڪم جاري آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اهم جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ صوبي اندر جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ليکڪ محمد سعيد مهدي جي ڪتاب شيڊوز آف پاڪستان هسٽري جو مهورت ڪيو پيو وڃي

وزيراعلي مريم نواز پاران پاڪ بحريه کي ايل واءِ 80 اين ايئر ڊفينس ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعلي مريم نواز پاڪ بحريه کي ايل واءِ 80 اين ايئر ڊفينس ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون ڏنيون آهن وزيراعلي چيو ته

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پي پي 167 لاهور: مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ملڪ محمد شفيع بنا مقابلي ڪامياب، نوٽيفڪيشن جاري

لاهور (اي پي پي) پنجاب اسيمبلي جي خالي سيٽ پي پي 167 لاهور تي مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ملڪ محمد شفيع بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي روضه رسول صلي الله عليه وآله وسلم تي حاضري

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار مديني شريف ۾ نفل ادا ڪيا

پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ مسلمان امت جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سعودي عرب جي دوري دوران مديني شريف ۾ نفل ادا ڪيا ۽ روضه رسول صلي الله عليه وآله وسلم تي حاضري ڏني پرڏيهي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير حنيف عباسي جي گورنر سان ملاقات، ريلوي لائين کي وڌيڪ ترقي ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي کان روهڙي تائين ريلوي لائين کي اپ گريڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

گورنر انيشيٽو تحت شاگردن کي آئي ٽي جي تعليم ڏيڻ خواب کي حقيقت بڻايو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي گورنر هائوس ڪراچي ۾ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ معاشي صورتحال سنڌ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي پراسيڪيوشن کاتي ۾ 17 سالن بعد ترقين جو اعلان ڪيو ويو

گريڊ هڪ کان چار تائين جي ملازمن کي گريڊ 11 ۾ ترقيون ڏنيون ويون

پراسيڪيوٽر جنرل پاران صوبائي وزير قانون ضياءُ لنجار جو شڪريو ادا ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي پراسيڪيوشن کاتي ۾ 17 سالن بعد ترقين جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ موجب گريڊ هڪ کان چار تائين جي ملازمن کي گريڊ 11 ۾

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هاڻي مريض پيدا ڪرڻ واري فيڪٽري بڻجي ويو آهي: مصطفيٰ ڪمال

ماڻهو معمولي بيمارين لاءِ به وڏين اسپتالن جو رخ ڪن ٿا، جنهن سبب غير ضروري دٻاءُ پوي ٿو

ڪراچي ۾ صحت واري وزير فيڊرل گورنمينٽ ڊسپينسري ۾ پهرئين ڊجيٽل هيلٿ سينٽر جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير سيد مصطفيٰ ڪمال فيڊرل گورنمينٽ ڊسپينسري سول ايوي ايشن ۾ شهر جي پهرئين ڊجيٽل هيلٿ سينٽر جو افتتاح ڪيو آهي هن سينٽر ذريعي مريضن جو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي برطانيا جي جعلي شيئر ڪوڊ اي ويزا تي پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر سرڳهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اي اميگريشن پاران ڪراچي ايئرپورٽ تي بروقت ڪارروائي ڪندي برطانيا جي جعلي شيئر ڪوڊ اي ويزا تي پرڏيهه وڃڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي آهي. ايف آءِ اي اميگريشن ڪراچي موجب مسافر محمد عمران فلائيٽ نمبر PC-131 ذريعي ترڪي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: بار جي چونڊن ۾ وڪيلياڻي ووٽ ڏئي رهي آهي

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي پاران جوابدارن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ پوليس هيڊ ڪانسٽيبل کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ انعام ڏيڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان بلوچ ڪالوني ٿاڻي جي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جون بدليون ۽ مقرريون نوٽيفڪيشن جاري سنڌ

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر پاران اتر وزيرستان ۾ 11 خوارجي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري اتر وزيرستان ۾ 11 خوارج کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

اسٽرٽ موومينٽ ذريعي عمران خان جو پيغام عوام تائين پهچائڻ آيا آهيون: حليم عادل شيخ

ڪراچي جي عوام کي سهيل آفريدي جي شاندار آجيان تي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

اسان آئين، جمهوريت ۽ پرامن جدوجهد تي پڪو يقين رکون ٿا: جناح گرائونڊ ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ، پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر، جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد، فهيم خان، پي ٽي آءِ بلوچستان جي صدر دائود شاهه ڪاڪڙ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سڀني سياسي جماعتن کي پرامن سياسي سرگرمين جي اجازت آهي: ناصر شاهه

پ پ جمهوريت جي بالادستي تي يقين رکي ٿي، ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏبي

پي ٽي آءِ جو سياسي انداز شدت پسندانه آهي ۽ خان جي تعليمات سبب مسئلا پيدا ٿين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ سڀني سياسي جماعتن کي پرامن سياسي سرگرمين جي اجازت آهي پر ڪنهن کي به

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي هر علائقي ۾ بنا امتياز ترقياتي ڪم يقيني بڻايا پيا وڃن: مرتضيٰ وهاب

باب خيبر کان اورنگي روڊ جي بهتري ۽ بحالي منصوبو بلدية عظميٰ جو هڪ ٻيو اهم قدم آهي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت عوامي ڀلائي جا منصوبا بنا فرق جاري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته باب خيبر کان سيڪٽر 4 اورنگي روڊ جي بهتري ۽ بحالي منصوبي جو 182 ملين روپين کان وڌيڪ لاڳت سان سنگ بنياد رکڻ ڪراچي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سون جي قيمت ۾ 3700 روپين جي واڌ، في تولو سون 4 لک 73 هزار 262 روپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار 700 روپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 73 هزار 2 سئو 62 روپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ڇنڇر ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار 700 روپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 73 هزار 2 سئو 62 روپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون 10

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، ڊرائيور فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن حديد واري علائقي ۾ تيز رفتار بس جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي ذوالفقار لاشاري جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته بس ڊرائيور واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو پوليس اختيارين ڪيس داخل ڪري جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بدين: مقتول ڪيلاش ڪولهي جي قتل ۾ ملوث زميندار سرفراز نظاماڻي پنجاب مان گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس مياڻوالي لڳ هڪ ڳوٺ مان جوابدار کي سوگهو ڪري ورتو آهي، ڪيس بدين آندو پيو وڃي:ذريعا

جوابدار جي گرفتاري سندس عيوضي ۾ گرفتار ڪيل ڀاءُ جي نشاندهي تي عمل ۾ آئي آهي

سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ پاران پوليس پارٽي لاءِ هڪ لک رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان

بدين (م د) پيرو لاشاري لڳ ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ پورهيت ڪيلاش ڪولهي کي گوليون هڻي قتل ڪندڙ ريٽائر فوجي سرفراز نظاماڻي کي بدين پوليس مياڻوالي لڳ هڪ ڳوٺ مان گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بدين: ڪيلاش ڪولهي جي قاتل کي گرفتار ڪري آندو پيو وڃي

حيدرآباد اسرا يونيورسٽي اسپتال ۾ فوت ٿيل نوجوان ۽ ٻارڙي جي وارثن پاران ڌرڻي جو اعلان

فوت ٿيل نوجوان علي مراد لاشاري ۽ ٻارڙي صغريٰ لاشاري جي خونن سان انصاف نه ٿيو

اسرا اسپتال ۽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي ويندي: وارث

ڄامشورو (م د) 40 ڏينهن اڳ اسرا يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۾ فوت ٿيل نوجوان علي مراد لاشاري ۽ احتجاج ڪرڻ تي انتظاميا پاران جبري طور تي اسپتال مان نيڪالي ڏيڻ بعد فوت ٿيندڙ ٻارڙي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. فيروز آباد ٿاڻي جي حد طارق روڊ جي علائقي شهيد ملت روڊ تي بجا پارڪنگ جي ويجهو پر اسرار نموني پنهنجي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ خانگي ڪمپني جو سيڪيورٽي گارڊ نقيب الرحمن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مزدور اڳواڻ کي پوليس پاران مبينا گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف مظاهرو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريڊ يونين مزدور اڳواڻن انساني حقن جي ڪارڪنن ڪالم نگار شاعر جو اقبال بٽ، مزدور اڳواڻ ناصر منصور، نامور ترقي پسند دانشور ڊاڪٽر رياض شيخ، سعيد بلوچ رياض

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا ۾ شديد گرمي، ٻيلن ۾ لڳل باهه 7 لک 41 هزار ايڪڙ اراضي تائين ڦهلجي وئي

آسٽريليا ۾ گرمي پد 111 ڊگري فارن هائيٽ کان وڌي ويو، وڪٽوريه ۾ گهرن سميت 130 عمارتون تباهه

وڪٽوريه جي سرحد ويجهو ڪيترن ئي هنڌن تي لڳل باهه انتهائي خطرناڪ حد تائين پهچي وئي، بجلي معطل

ڪينبرا (اي پي پي) آسٽريليا جي ڏکڻ اوڀر ٻيلن ۾ لڳل باهه انتهائي خطرناڪ حد تائين ڦهلجي وئي ۽ ڪيترائي گهر سڙي خاڪ ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق آسٽريليا جي ڏکڻ اوڀر ٻيلن ۾ گڏيل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 وزيراعظم

نمائندن گذريل ڏينهن هتي ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ عوام کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ عوامي ڀلائي ۽ ترقي، ترقياتي منصوبن ۽ گورننس بابت معاملا به بحث هيٺ آيا. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته اسان کي خيبرپختونخوا جي عوام جي مسئلن جو مڪمل پتو آهي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجي دائره اختيار اندر انهن مسئلن جي پائيدار حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي هن چيو ته خيبرپختونخوا ۾ جاري وفاقي ترقياتي منصوبن جي وقت سر مڪمل ٿيڻ ۽ عوامي مسئلن جو حل وفاقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي شرڪت ڪندڙن وزيراعظم کي آگاهه ڪيو ته خيبرپختونخوا جي حڪومت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي، گورننس نالي ڪا به شيءِ ناهي صحت، تعليم انفرا اسٽرڪچر ۽ عوامي ڀلائي جي حوالي سان صوبائي حڪومت وٽ ڪا به واضح پاليسي موجود ناهي ۽ عوامي مسئلن طرف خيبرپختونخوا حڪومت جو ڪو به ڌيان نه آهي. وزيراعظم عوامي نمائندن تي زور ڀريو ته هو عوامي مسئلن جي حل کي اولين ترجيح بڻائين وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخوا ۾ وفاق جي انتظام هيٺ ترقياتي منصوبن جي حوالي سان رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي جيڪا پشاور جو دورو ڪري ۽ عوامي نمائندن سان گڏجي انهن منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو وٺندي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، وفاقي وزير عطا الله تارڙ قانون وارو وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پارلياماني معاملن وارو وفاقي وزير طارق فضل چوڌري، وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءِ الله، ڪيپٽن (ر) صفدر بابر نواز ايم اين اي، ثمر بلور ايم اين اي، اختيار ولي مرتضيٰ جاويد عباسي زاهد خان ڊاڪٽر عباد الله پير صابر شاهه سردار مشتاق شاهه جي گل آفريدي، شهاب الدين خان رحمت سلام خٽڪ ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 2 گڏيل مشق شروع

ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر پبي ۾ ٿي. ٻن هفتن تي ٻڌل اها مشق دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي فوجن جا پيشيور دستا حصو وٺي رهيا آهن بيان ۾ ٻڌايو ويو ته گڏيل مشق جي افتتاحي تقريب ۾ ٻنهي ملڪن جي اختيارين شرڪت ڪئي. گڏيل مشق جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ تجربن جي ڏي وٺ ذريعي هم آهنگي ۾ واڌ آهي مشق ۾ شهري علائقن ۾ جنگي ڪارروائين نشاني بازي ۽ آپريشنل نظرين جي هم آهنگي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. آءِ ايس پي آر چيو ته اهڙيون گڏيل مشقون تبديل ٿيندڙ سيڪيورٽي چيلينجن کي منهن ڏيڻ عسڪري معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ دهشتگردي خلاف فوج جي صلاحيت وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن انسپائرڊ گيمبٽ 2026 پاڪستان ۽ آمريڪا جي امن ۽ استحڪام لاءِ جاري سهڪار جي عڪاسي آهي.

بقايا 3 خراج تحسين

ڏينهن قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري بيان ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن جي پيشيوراڻي مهارت کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته ايل واءِ 80 ميزائيل جو ڪامياب تجربو پاڪ نيوي جي مضبوط ايئر ڊفينس سسٽم جو ثبوت آهي ايل واءِ 80 ميزائيل جي ڪامياب تجربي سان ملڪي دفاع وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي هن چيو ته ملڪي دفاع کي مضبوط بڻائڻ ۾ پاڪ نيوي جو ڪردار واکاڻ جوڳو آهي پاڪستان جي بحري فوج ملڪي دفاع کي فتح ته ٿيڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون آهن هن چيو ته ايل واءِ 80 ميزائيل جو ڪامياب تجربو پاڪ نيوي جي انجنيئرز ۽ جوانن جي اعليٰ پيشيوراڻي مهارت جو عملي ثبوت آهي ايل واءِ 80 ميزائيل جو ڪامياب تجربو قومي سلامتي لاءِ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو اسپيڪر چيو ته جديد دفاعي ٽيڪنالاجي ۾ مهارت پاڪ نيوي جي پيشيوراڻي قابليت جو ثبوت آهي ملڪي سرحدن جي تحفظ لاءِ پاڪ فوج هر وقت تيار آهي پاڪ فوج جي پيشيوراڻي مهارت قوم لاءِ فخر جو سبب آهي.

بقايا 4 ڳڻتي جو اظهار

ڳڻتي جو اظهار ڪندي صوبائي حڪومت ۽ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير تي سخت تنقيد ڪئي آهي گذريل ڏينهن پنهنجي بيان ۾ انجنيئر امير مقام چيو ته هڪ طرف صوبي ۾ سڀ کان وڏي يونيورسٽي جا استاد پنهنجي جائز حقن لاءِ رستن تي احتجاج ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻئي طرف خيبرپختونخوا جو وڏو وزير ڪراچي جي دوري ۾ مصروف آهي هن سوال اٿاريو ته جڏهن صوبي جا تعليمي ادارا مالي بحران جو شڪار هجن ۽ استادن کي پگهارون نه ملي رهيون هجن ته وڏي وزير جو صوبو ڇڏي سياسي سرگرمين لاءِ ٻين شهرن ۾ وڃڻ ڪهڙي طرز حڪمراني جي عڪاسي ڪري ٿو هن چيو ته خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي 13 سالن جي حڪومت صوبي کي مسئلن کانسواءِ ڪجهه ناهي ڏنو تعليم، صحت، روزگار ۽ امن امان جهڙا بنيادي شعبا بدترين زبون حالي جو شڪار آهن پي ٽي آءِ جي ناقص حڪمراني صوبي جي ادارن کي ڪمزور ڪيو ۽ اڄ ان جا نتيجا عوام ۽ استاد ڀوڳي رهيا آهن وفاقي وزير جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ هميشه نعرن ۽ الزامن جي سياست ڪئي ۾ عملي طور تي صوبي جي عوام کي ڪو به رليف نه ڏنو پشاور يونيورسٽي جي استادن جو احتجاج ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته صوبائي حڪومت پنهنجي ملازمن جون بنيادي ذميواريون ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي هن چيو ته مسلم ليگ (ن) خيبرپختونخوا جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ صوبي ۾ بهتر حڪمراني ۽ اداري جاتي سڌارن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي.

بقايا 5 ڪميٽي قائم

نجڪاري جو فيصلو ڪيو ويو آهي وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي جي صدارت هيٺ نجڪاري ڪميشن بورڊ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ بورڊ حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي نجڪاري لاءِ ٽرانزيڪشن ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي بورڊ هائوس بلڊنگ فنانس ڪمپني جي نجڪاري جو موجوده عمل ختم ڪرڻ جي سفارش ڪئي جڏهن ته انهي جي 51 سيڪڙو حصص جي نيلامي ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اهڙي طرح پاڪستان مورگيج ري فائنانس ڪمپني جي 4.2 ارب جي بولي رد ڪئي وئي انهي ڪمپني جي ريفرنس قيمت 13 ارب 55 ڪروڙ روپيه هئي نجڪاري بورڊ اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي نجڪاري پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪري ڇڏي جنهن تي بورڊ نيو اسلام آباد ايئرپورٽ جي لاءِ ڪنسيشن ماڊل اپنائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جڏهن ته ايئرپورٽ نجڪاري ۾ گورنمنٽ ٽو گورنمنٽ ماڊل رد ڪري اوپن بولي جو رستو اپنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 6 راڻا مشهود

هلندڙ سال جون ڌاري انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) پروگرام مان نڪري ويندو گذريل ڏينهن لنڊن ۾ پاڪستاني برادري جي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان مسلسل معاشي طور پاڻڀرو ٿيڻ طرف وڌي رهيو آهي ۽ ان کي 2026ع جي وچ ڌاري تائين آءِ ايم ايف جي مدد جي ضرورت نه پوندي ملڪ جي ڏاڍن معاشي رخن سيڙپڪارن ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جو اعتماد بحال ڪيو ماضي جي معاشي چئلينجز جو ذڪر ڪندي راڻا مشهود احمد خان چيو ته 2018ع کانپوءِ آءِ ايم ايف سان ڳنڍيل پاليسين سبب ترقي جي رفتار گهٽ ٿي ۾ موجوده حڪومت معيشت کي ٻيهر بحالي جي راهه تي گامزن ڪري ڇڏيو آهي راڻا مشهود احمد خان ڪارڪنن جي مڪاسڪا جي ناڻي ۾ تيزي سان اضافي جو ذڪر ڪندي چيو ته اسٽيٽ بئنڪ موجب پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين 2025ع ۾ اربين ڊالر پرڏيهه موڪليا جنهن سان ملڪي معيشت کي نمايان هٿي ملي. راڻا مشهود احمد خان چيو ته روانگي واپاري پيداواري صلاحيت ۽ نوجوانن جي قيادت ۾ ڪاروبار تي مسلسل ڌيان سان پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي ۽ آخرڪار آءِ ايم ايف جي بيل آئوٽ پروگرامز تي پاڪستان جو پراڻو دارومدار ختم ٿي ويندو.

بقايا 7 هدايت

ٿيڻ تائين اسلامي جمهوريه ايران جي غير ضروري سفر کان پاسو ڪن گذريل ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري ٽريول ايڊوائيزري مطابق ايران ۾ رهندڙ پاڪستاني شهرين کي چيو ويو آهي ته اهي انتهائي احتياط اختيار ڪن هوشيار رهن غير ضروري اچ وڃ گهٽ کان گهٽ رکن ۽ پاڪستاني سفارتي مشن سان باقاعده رابطي ۾ رهن.

بقايا 8 بجلي جي فراهمي

جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ مطابق موسميات جي يورپي ماهرن 200 ڪلوميٽر في ڪلاڪ کان به تيز هوائن تي ٻڌل طوفان جي خطرن کي نظر ۾ رکندي برطانيا کان جرمني تائين ماڻهن کي گهرن ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي آهي جڏهن ته ڏکڻ اولهه برطانيا جي اسڪيلي ۽ ڪارن وال ۾ ڳاڙهي آنڌاري کان به خبردار ڪيو آهي طوفان سبب فرانس ۾ اتر نارمنڊي خطي ۾ اٽڪل 380000 گهرن کي جڏهن ته برطانيا ۾ اٽڪل 65000 گهرن کي بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي، رات جي وقت فرانس جي اتر اولهه واري علائقي مانچي ۾ طوفاني هوائن جي رفتار 213 کان 216 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين رڪارڊ ڪئي وئي طوفان سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ وڻ پاڙون پٽجي ويا. طوفان جي اثر هيٺ برطانيا جي اڪثر حصن ۾ 160 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين آنڌاري اچڻ جي توقع آهي ۽ ساموندي ڪناري وارن علائقن ۾ وڏيون ساموندي لهرون خطرناڪ حالتون پيدا ڪري سگهن ٿيون ويلز مرڪزي ۽ اتر برطانيا جي اڪثر حصن ۾ برفباري جي وارننگ به جاري ڪئي وئي آهي.

بقايا 9 ٻيهر ڌمڪي

پنهنجي شهرين کي ماريو ته اسان ڪارروائي ڪنداسين وائيٽ هائوس ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي صدر ٽرمپ جو چوڻ هو ته ايران ۾ مظاهرين ڪيترن شهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن جنهن جي باري ۾ ڪنهن سوچيو به نه هو صدر جو چوڻ هو ته هو ايران جي صورتحال تي نظر رکيل آهي. آمريڪي صدر هڪ ڀيرو ٻيهر ايراني حڪومت کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن انهن ماضي جيان پنهنجي ماڻهن کي مارڻ شروع ڪيو ته اسان ڪارروائي ڪنداسين. اسان انهن کي اهڙي شدت سان ماريندا سين ته انهن کي گهڻي تڪليف ٿيندي، ان جو مطلب فوجي موجودگي نه آهي، ان جو مطلب آهي ته اسان انهن کي پوري شدت سان ماريندا سين، ان لاءِ اسان نٿا چاهيون ته ائين ٿئي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريڪا پنهنجي مفادن لاءِ دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ ڪارروائي جو حق رکي ٿو انساني حقن جي ٻن ادارن مطابق 28 ڊسمبر تي احتجاج شروع ٿيڻ کانپوءِ ايران ۾ هن وقت تائين گهٽ ۾ گهٽ 48 مظاهرو ڪندڙ مارجي چڪا آهن جڏهن ته ايران اختيارين هاڻي تائين سيڪيورٽي فورسز جي 6 اهلڪارن جي مارجڻ جي تصديق ڪئي آهي مظاهرين ملڪ ۾ ڪرنسي جي آگهه ۾ تيزي سان گهٽتائي ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن ايران جي رهبر اعليٰ آيت الله علي خامنه اي، مظاهرين تي سخت تنقيد ڪندي انهن کي ڪجهه شرپسندن جو گروهه قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته هو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن گڏيل قومن ۾ ايران جي مستقل نمائندي امير سعيد ايرواني سلامتي ڪائونسل جي نالي هڪ خط ۾ آمريڪا تي ايران ۾ بدامني ۽ پرتشدد ڪارروائين کي هوا ڏيڻ جو الزام لڳايو آهي خط ۾ چيو ويو آهي ته آمريڪا ڌمڪين ماڻهن کي اڪسائڻ جاڻي واڻي تشدد جي حوصلا افزائي ۽ امن استحڪام ۾ خلل وجهي ايران ۾ مداخلت ڪري رهيو آهي هن آمريڪي رويي ۽ اسرائيل سان گڏجي ايران جي اندروني معاملن ۾ مداخلت جي ڪوشش جي به مذمت ڪئي.

بقايا 10 وزير اطلاعات

کي تسليم ڪن ٿا. گذريل ڏينهن هتي اشرفيه يونيورسٽي ۾ مولانا فضل الرحيم جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪانئوءِ گهرو وزير محسن نقوي سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير عطاءِ الله تارڙ چيو ته مولانا فضل الرحيم جي درجن جي بلندي لاءِ دعاگو آهيان مولانا فضل الرحيم سان روحاني رشتو هو سندس ديني خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو هن چيو ته اسان جو مولانا سان ويجهو تعلق هو مولانا فضل الرحيم هميشه شفقت جو معاملو فرمايو اشرفيه يونيورسٽي ۾ شاگردن جي سارسنڀال لاءِ هن جديد نظام متعارف ڪرايو هن چيو ته مولانا فضل الرحيم جي دين لاءِ خدمتن جو پوري دنيا ۾ اعتراف ڪيو ويندو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ وفاقي وزير چيو ته ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ مسلسل بهتر ٿي رهيا آهن الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان ڊيفالٽ جي ڪناري تان واپس اچي چڪو آهي ۽ اڄ دنيا جا مالياتي ادارا پاڪستاني معيشت کي تسليم ڪن ٿا. هن چيو ته پاڪستان هڪ اڀرندڙ معيشت آهي اسٽاڪ مارڪيٽ ڏينهون ڏينهن رڪارڊ قائم ڪري رهي آهي صرف ڊسمبر جي مهيني ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين 3.6 ارب ڊالرن جو مڪاسڪا جو ناڻو ڏيهه موڪليو آهي جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 17 سيڪڙو ۽ گذريل مهيني جي ڀيٽ ۾ 11 سيڪڙو وڌيڪ آهي هن چيو ته پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ۽ مهانگائي ۾ نمايان گهٽتائي واقع ٿي آهي. الحمد الله پاڪستان جي معيشت مضبوط هٿن ۾ آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف ان جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي جڏهن ته ان ڏس ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جون ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن هن چيو ته اڙائي ٽيم ورڪ سبب معيشت استحڪام طرف گامزن آهي ۽ ملڪ اندر معيشت جي حوالي سان هاڪاري ماحول موجود آهي.

بقايا 11 سرفراز بگٽي

ڪامياب تجربي تي پوري قوم کي دلي مبارڪون ڏيندي ان کي قومي دفاع لاءِ هڪ وڏي ۽ اهم ڪاميابي قرار ڏنو آهي پنهنجي هڪ پيغام ۾ وڏي وزير چيو ته ايل واءِ 80 ميزائيل جو ڪامياب تجربو ان امر جو واضح ثبوت آهي ته پاڪستاني سائنسدان، انجنيئر ۽ پاڪ فوج جديد ٽيڪنالاجي ۽ دفاعي صلاحيتن ۾ ڪنهن کان پوئتي ناهن. هن ان تاريخي ڪاميابي ۾ حصو وٺندڙ سائنسدانن پاڪ بحريه جي آفيسرن ۽ جوانن ۽ سموري لاڳاپيل ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪيو مير سرفراز بگٽي چيو ته پاڪ بحريه هميشه ملڪي سلامتي جي تحفظ ۾ اهم ۽ قائدانو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ تازو ميزائيل تجربو به ساڳئي پيشيوراڻي مهارت ۽ قومي جذبي جو مظهر آهي سندس چوڻ هو ته پاڪستاني سائنسدانن جي اڻٿڪ محنت ۽ لڳن سبب دفاعي شعبي ۾ ملڪ جو وقار عالمي سطح تي بلند ٿيو آهي جنهن جو اعتراف دنيا ڪري ٿي هن چيو ته پاڪ فوج، سائنسدانن ۽ انجنيئرز جي گڏيل ڪوششن جي ڪري پاڪستان جو دفاع مضبوط، موثر ۽ ناقابل تسخير بڻجي چڪو آهي ۽ پوري قوم پنهنجي هٿياربند فوج ۽ دفاعي ادارن تي فخر ڪري ٿي.

بقايا 12 امڪان آهي

ڪاٿي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي پنجاب، معاتهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ وچولي کان شديد ڪوهيڙو ڇانيل رهڻ ۽ پوٺوهار خطي ۽ ڪشمير ۾ صبح جي وقت ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته معاتهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌ رهي ان دوران ٽريٽ ۾ هڪ ملي ميٽر برسات پئي پنجاب، معاتهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي اڪثر ميداني علائقن ۾ وچولي کان شديد ڪوهيڙو ڇانيل رهيو، ڇنڇر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ليه ۾ ڪاٽو 14، اسڪردو ۾ ڪاٽو 13، استور گوپس ۾ ڪاٽو 10، هنزه، گلگت ۾ ڪاٽو 08، قلات، بگروٽ ۾ ڪاٽو 06 ۽ ديرپر ڪاٽو 05 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 13 شرجيل ميمڻ

کان وڌيڪ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن جن مان مختلف شعبن ۾ 9,193 منصوبا مڪمل ٿي چڪا آهن صحت، تعليم زراعت، روڊن آبپاشي ۽ سماجي منصوبن تي 367 ارب روپين جي غير ملڪي امداد ۽ 76 ارب روپين جي وفاقي پي ايس ڊي پي تحت ڪم جاري آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت جي ترقياتي ويزن جو مقصد رڳو منصوبا شروع ڪرڻ ناهي پر انهن جي وقت سر تڪميل ۽ معيار جي سخت پابندي کي يقيني بڻائڻ آهي. لاڳاپيل کاتن کي هدايتون ڏنيون ويون آهن ته نوان منصوبا صرف تڏهن شروع ڪيا وڃن جڏهن موجوده منصوبا مڪمل ٿي وڃن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ

SECURITIES AND EXCHANGE COMMISSION OF PAKISTAN (SECP)

SECP

CAREER OPPORTUNITY

SECP, the apex regulator of the capital market and corporate sector of Pakistan, requires the services of qualified, result-oriented, energetic, and enthusiastic professional with impeccable integrity and exceptional technical and analytical skills for the following Islamabad-based regular position in its Securities Market Division;

Additional Joint Director (Primary Market Approvals and Development Department) – 01 Position

Qualification — Chartered Accountant (CA)

Post Qualification Experience

Minimum 08 years of post-qualification professional experience in financial/ corporate sector, audit firm and preferably experience in a regulatory body or related organization.

Note: Articleship will be considered as part of requisite experience.

Age Limit

The maximum age should not exceed 45 years on the last date of submission of the application.

- Female candidates who fulfill the above specified criteria shall be given preference.
- SECP offers a competitive compensation package. Only shortlisted candidates will be called for interview.
- The appointment will be subject to qualifying the multi-tier interview process, clearance of medical tests, and psychological assessment.
- Minorities, people with special needs, and candidates from Balochistan and Ex-FATA districts are encouraged to apply.
- Please visit https://www.secp.gov.pk/careers/ for a complete job description and apply within 15 days of publication of this advertisement. Applications received after the due date will not be considered in any case.

Deputy Director – HRD PID (I) No. 5656/25

In case of any queries, please feel free to contact us at +92 51 919 5444

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
سنسار
عبرت
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 11 جنوري 2026ع

خطري ۾ پئجي ويل عالمي نظام

فريد احمد

آمريڪا جيڪو 38 هزار 430 ارب (38.43 ارب) ڊالر جو قرضي ٿي چڪو آهي، پنهنجي ان معاشي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ مختلف ملڪن تي قبضي لاءِ سرگرم ٿي ويو آهي ۽ عالمي سطح تي هڪ نئين لاقانونيت پکڙجي رهي آهي، جنهن ڪري سموري دنيا جو امن خطري ۾ پئجي ويو آهي.

عالمي نظام جي ديوار ۾ منجيق جو گولو هڻندڙ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاڻ کي بين الاقوامي ۽ آمريڪي قانونن کان مٿانهون قرار ڏيندي چيو آهي تہ ’ڪيس ڪنهن بہ قانون جي ضرورت ناهي، ۽ نہ ئي هو بين الاقوامي قانونن تي عمل ڪرڻ جو پابند آهي. سندس مرضي آهي جيئن وڻندس تيئن ڪندو، ڪي بہ معاهدا ۽ واعدا سندس راهہ نٿا روڪي سگهن ۽ آمريڪا جي فائدي لاءِ ڪنهن بہ ملڪ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.‘ مطلب تہ هن کي ڪو بہ ملڪي توڙي عالمي قانون نٿو روڪي سگهي، هو جنهن بہ ملڪ تي چاهي، جڏهن بہ چاهي حملو ۽ قبضو ڪري سگهي ٿو. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي اغوا ڪرڻ، اتان جي تيل ۽ ٻين وسيلن تي قبضي جو اعلان ڪرڻ سان گڏ گرين لينڊ ۽ ٻين ملڪن تي قبضو ڪرڻ جا ارادا ظاهر ڪرڻ، ايران ۾ پرتشدد مظاهرا پڙڪائڻ ۽ اتي آمريڪي مداخلت جو چتاءُ ڏيڻ جهڙا ڪيترائي قدم کڻندڙ آمريڪا سواءِ اسرائيل ۽ برطانيا جي باقي سموري دنيا لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي. ايستائين جو ان جا ويجها اتحادي يورپي ملڪ بہ ٽرمپ جي شڪل ۾ نازل ٿيل نئين مصيبت کان بچڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ تي مجبور ٿيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ چين ۽ روس چپ چاپ ڏسي رهيا آهن، جڏهن تہ ٽرمپ واضح اعلان ڪري انهن لاءِ بہ چوي ٿو تہ هو ڪاٺئن ڊڄي ويا آهن.

اها خطرناڪ صورتحال وينزويلا جي صدر کي آمريڪي فوج هٿان سندس محل ۾ داخل ٿي زال سميت اغوا ڪرڻ کانپوءِ پيدا ٿي آهي، جنهن کانپوءِ ٽرمپ ايران جي روحاني اڳواڻ ۽ ٻين ملڪن جي سربراهن کي بہ اهڙي طرح اغوا ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي.

وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي سندس محل مان اغوا ڪري نيويارڪ پهچائڻ واري واردات کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن، پر صدر ٽرمپ اڃان تائين مختلف موقعن تي ان واردات کي لائيو ڏسڻ جي هام هڻندو رهي ٿو تہ فلوريڊا رياست ۾ پنهنجي گهر ويٺي سڄو لقاءُ ڏٺو جتي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ دفاعي سيڪريٽري پيٽ هيگسيٿ ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. فاڪس نيوز کي انٽرويو ڏيندي ٽرمپ ان سڄي واردات کي لائيو ڏسڻ بابت وڏي جذباتي انداز ۾ هڪ خفتيءَ وانگر اظهار ڪيو، ”جيڪڏهن توهان ان جي رفتار کي ڏسو تہ اهو تمام گهڻو متاثر ڪندڙ هو... اهو هڪ بهترين آپريشن هو پيو ڪو بہ ائين نہ ڪري سگهي ها.“

آمريڪي صدر تيزيءَ سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي پرجوش هيو. هو فخر سان چوڻ لڳو تہ وينزويلا ۾ ڪارروائيءَ دوران هڪ بہ آمريڪي ناهي مٺو جيتوڻيڪ اهو اهڙي قسم جو قبضو نہ هو جيئن آمريڪي فوجن کي صدام حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ عراق ۾ ڊگهي عرصي تائين رهڻو پيو.

بهرحال وينزويلا جو صدر مادورو بروڪلن جي جيل ۾ آهي. جڏهن تہ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي تہ آمريڪا وينزويلا کي هلائيندو. ”نئين وينزويلا حڪومت آمريڪا سان سهڪار ڪندي ۽ آمريڪا لکين بيرل تيل ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ آمدني بہ پاڻ سنڀاليندو.“

عالمي تجزيہ ڪار چون ٿا تہ موجوده صورتحال ۾ ٽرمپ ۽ سندس صلاحڪار عوامي طور تي وينزويلا ۽ ان جي ڏکيائين کي نظرانداز ڪري رهيا آهن. اهو ملڪ ايراضيءَ جي لحاظ کان جرمنيءَ کان بہ وڏو آهي. ملڪ جي حڪمرانيءَ ۾ مختلف گروهن جو اثر آهي، جنهن تي مسلسل ڪرپشن ۽ عوامي راءِ کي دٻائڻ جو الزام هنيو ويندو آهي.

مادورو خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ صدر ٽرمپ لاطيني آمريڪا جي ٻين ملڪن ڪولمبيا، ميڪسيڪو گرين لينڊ ۽ ڊينمارڪ خلاف بہ ڪارروائي ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. اهڙي طرح يورپي ملڪ بہ سندس هن عمل کان ناراض ٿي رهيا آهن، جنهنجي نتيجي ۾ جنگي اتحاد نيٽو پڻ ڏڦيڙ جو شڪار ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ آمريڪا سمجهي ٿو تہ هن کي هاڻي ڪنهن بہ جنگي اتحاد جي ضرورت ناهي ۽ سندس فوج دنيا جي سڀ کان مضبوط فوج آهي، جيڪا اڪيلي سر ”سڀڪجهہ“ ڪري سگهي ٿي. ان ڪري آمريڪا جو ڏيان مالي بحران مان نڪرڻ ۽ دنيا مٿان حڪمراني ڪرڻ تي آهي. چاڪاڻ تہ آمريڪا تي جاپان جو قرض 11 کرب ڊالر، چين جو 8 کرب ڊالر ۽ برطانيا جو 17 کرب ڊالر آهي. جڏهن تہ پيا عوامي ۽ ملڪي ادارن جا قرض ڏار آهن. اهڙي طرح آمريڪا تي قرضن جو مجموعي انگ 38.43 ارب ڊالر آهي. جنهن ۾ روزانو 8 ارب 30 ڪروڙ ڊالر جي حساب سان واڌارو ٿي رهيو آهي. ان ڳالهہ جو آمريڪي عوام کي بہ اندازو آهي تہ ان جي حڪومت انسان دوستي ۽ سياسي سماجي قدرن جي پاسداريءَ جي نالي تي مختلف ملڪن مٿان جيڪي جنگيون مڙهي رهي آهي، ان جو اصل سبب ڇا آهي.

مبصرن جو رايو آهي تہ آمريڪا جو مالي بحران ان کي اخلاقي طور پست ڪري رهيو آهي ۽ آمريڪا جيڪو سموري دنيا تي حاڪميت جو رعب ڄمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، اهو ٺلهي بدمعاشيءَ کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ان جا اتحادي ۽ ڀائيسري هن جي ان غنڊا گرديءَ کي سمجهي چڪا آهن. جتي ڊينمارڪ جي دفاعي وزير آمريڪا کي چتاءُ ڏنو آهي تہ ”گرين لينڊ تي آمريڪي فوج حملو ڪيو تہ اسان جون هٿياربند فوجون حڪمن جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ فوري طور تي جواب ڏينديون ۽ پهريان گولي هڻنداسين، سوال پوءِ ڪنداسين.“ ان کان اڳ 7 يورپي ملڪن آمريڪي امڪاني ڪارروائيءَ جي مخالفت ڪندي گڏيل بيان ۾ چيو هو تہ ”صرف گرين لينڊ ۽ ڊينمارڪ کي گرين لينڊ جي مسئلي تي فيصلو ڪرڻ جو حق آهي.“ ۽ هاڻي جرمن صدر فرينڪ والٽر اسٽائن مائر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاليسين تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي تہ ”آمريڪا عالمي نظام کي تباهہ ڪري رهيو آهي. ۽ آمريڪي پرڏيهي پاليسي قائم ٿيل عالمي نظام کي تباهہ ڪري رهي آهي. دنيا کي ڦرلٽيرن جي پناهہ گاهہ بڻجڻ کان بچايو وڃي. روس طرفان ڪريميا جي الحاق ۽ يوڪرين تي حملي کان پوءِ آمريڪا جي تازي پاليسي بين الاقوامي قدرن ۽ جمهوريت کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن بين الاقوامي قانون ۽ اتحاد مضبوط نہ رکيا ويا تہ وڏيون طاقتون ننڍن ملڪن کي پنهنجي مرضيءَ جي تابع ڪري ڇڏينديون.“ ٻئي طرف هڪ سروي ۾ جرمن عوام جي راءِ ۾ اضافو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ آمريڪا هاڻي هڪ قابل اعتماد اتحادي ناهي. بهرحال آمريڪا پاڪستان جي واڳ ڌڻين جي جيڪا خوشامد ڪري رهيو آهي يا مٿي تي هٿ گهمائي رهيو آهي، اهو بہ ان جي ارادن جي تڪميل واري مقصد کان خالي ناهي.

ايران تي آيل ڏکيو وقت

فيضان احمد

ايران ۾ مهانگائيءَ خلاف هلندڙ پرتشدد مظاهرن ۾ واڌ اچي وئي آهي ۽ سموري دنيا جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي رهيو آهي، جنهن دوران ايران جا دشمن اسرائيل ۽ آمريڪا ان انتظار ۾ آهن تہ اتي ڪيئن تبديلي آڻي اتي 1979 کان اقتدار سنڀاليندڙ آيت الله گهراڻي جي حڪومت جو ڪيئن خاتمو آڻجي، جيڪو سموري دنيا ۾ مسلمانن مٿان ٿيندڙ ظلم کي پنهنجي مٿان ظلم سمجهي مذمت ۽ مزاحمت ڪندو رهيو آهي. خاص طور تي اسرائيلي بربريت خلاف پنهنجا وسيلا ڪتب آڻي دشمن کي ڌڪائيندو رهيو آهي، جنهنجي موٽ ۾ عالمي سازشن سبب سخت ڏکيائين کي منهن ڏيندو رهيو آهي. ۽ هن وقت ايراني معيشت پنهنجي تاريخ جي سڀ کان گهري بحران مان گذري رهي آهي. ايراني ڪرنسي ”ريال“ جو قدر تاريخ جي نهايت هيٺين سطح تي اچي ويو آهي، جتي هڪ آمريڪي ڊالر جي قيمت 14 لک 70 هزار ايراني ريال ٿي چڪي آهي. وڌندڙ مهانگائي، ناڻي ڦهلاءَ جي شرح 42 سيڪڙو کان مٿي آهي. جڏهن تہ کاڌي پيتي جي قيمتن ۾ واڌارو 70 سيڪڙو کان وڌي ويو آهي. جنهن ڪري عام شهرين لاءِ پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي.

گڏيل قومن ايران تي سيپٽمبر 2025 ۾ ٻيهر پابنديون لاڳو ڪيون، جنهن سان ايران جي تيل جو روانگي واپار ۽ عالمي مالياتي نظام تائين رسائي وڌيڪ محدود ٿي وئي. عالمي بينڪ مطابق، ايران جي معيشت 2025 ۾ 1.7 سيڪڙو گهٽ ٿي، جڏهن تہ 2026 ۾ 2.8 سيڪڙو گهٽجڻ جو امڪان آهي. معاشي بدحالي جي ڪري ملڪ ۾ احتجاج ٿيا آهن. ۽ ايران جي 27 کان 50 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. جنهن خلاف ملڪ ۾ مظاهرا تيز ٿي ويا آهن. چيو وڃي ٿو تہ انهن مظاهرن دوران احتجاج ڪندڙن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن ۾ ڇڪرين دوران مارجي ويلن جو انگ ايڪائي سئو جي لڳ ڀڳ ٿي چڪو آهي.

مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪندڙن ۽ سيڪيورٽي فورسز وچ ۾ سخت ڇڪرين دوران احتجاج ڪندڙن ڪيترن ئي شهرن ۾ ٻيچ باهہ ڪري سرڪاري ۽ نجي ادارن جي عمارت کي باهيون پڻ ڏنيون. تازين ڪارروائين ۾ 26 بينڪن، 25 مسجدن، 2 اسپتالن ۽ 48 فائر ٽرڪن کي نقصان پهچايو ويو جڏهن تہ سرڪاري عمارتن ۽ پوليس اسٽيشنن تي بہ حملا ڪيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي عملدار زخمي پڻ ٿيا.

ميڊيا رپورٽن موجب، پرتشدد مظاهرين ايمبولينس تي بہ حملو ڪيو، بسن ۽ شهري گاڏين کي باهہ ڏني. وڳوڙن جي الزام ۾ تقريبن ايڪائي هزار ماڻهن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ انٽرنيٽ سروس لڳاتار معطل ڪئي وئي آهي. آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي تہ رڳو تهران جي ڇهن اسپتالن ۾ 217 مظاهرين جي موت جي تصديق ٿي آهي، جن مان گهڻا گولي لڳڻ سبب مارجي ويا آهن. پر ايراني اختيارين اڃا تائين موت جي تصديق نہ ڪئي آهي.

ٻئي پاسي وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعوي ڪئي آهي تہ ايران ۾ ماڻهن ڪيترن ئي شهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي. ”صورتحال تي اسان جي ويجهي نظر آهي. جيڪڏهن ايران ۾ ماڻهو ماريا وڃن ٿا تہ آمريڪا مداخلت ڪندو.“

ايران اهڙا مظاهرا ڪرائڻ جو الزام آمريڪا تي هڻي ٿو ايراني روحاني اڳواڻ آيت الله خامنائي چيو آهي تہ ”آمريڪا جا هٿ ايرانين جي رت سان رنگيل آهن. ڪجهہ فسادي عوامي ملڪيت کي نقصان پهچائي ٽرمپ کي خوش ڪرڻ چاهين ٿا، هن پنهنجي لفظن ۾ واضح ڪيو تہ ايران ڀاڙيتو ماڻهن کي برداشت نہ ڪندو.“

آيت الله خامنائيءَ ايرانين تي زور ڀريو آهي تہ اتحاد برقرار رکن، آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجو نقصان ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. هن آمريڪي صدر کي پيغام موڪليو تہ هو پنهنجي ملڪ جي مسئلن تي ڌيان ڏئي.

ٻئي پاسي ايراني پرڏيهي وزارت اقوام متحده کان گهر ڪئي آهي تہ ايران جي خودمختياريءَ جي تحفظ لاءِ ايران اندر ٻاهرين مداخلت بند ڪرائي وڃي. ايراني پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي تہ ”ايران جي اندروني معاملن بابت آمريڪي بيان مداخلت ۽ فريب آهن.“ ڏسڻو اهو آهي تہ آمريڪي صدر جي خوشامد ۾ اربين ڊالر لٽائيندڙ عرب ملڪ ايران جي مالي ۽ سفارتي مدد لاءِ ڇا ٿا ڪن.



سنڌ ترقي پسند پارٽي جو وفد سڪرنڊ پريس ڪلب پهتو

نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش

پارٽي جو پيغام پهچائڻ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو اهم ڪردار آهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي وفد تعلقہ صدر گلزار اڏو جي اڳواڻيءَ ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب پهچي 2026 لاءِ نون چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪون اوڍائي مبارڪباد پيش ڪئي وفد ۾ گل انقلابي، حسين ڪيريو سليم مگسي، مير لغاري، شاهنواز ملاح ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو تہ سڪرنڊ پريس ڪلب کي هميشہ مثبت صحافت ۾ اڳڀرو ڏٺو آهي سنڌن قلم ۽ ڪردار بي داغ آهي جڏهن کان سڪرنڊ پريس ڪلب سان رشتو جڙيو آهي تڏهن کان پارٽي کي مڪمل ڪوريج ملي آهي ان ڪري اها حقيقت مڃڻي پوندي تہ ان ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جو اهم ڪردار آهي جو پارٽي جو پيغام هر هنڌ پهچايو آهي ان کان اڳ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي آيل مهمانن کي آجيانو پيش ڪندي چيو تہ اسين شڪر گذار آهيون ايس ٽي پي جي وفد جا جن کهي اچي محبتون ڏنيون آهن هنن اهو بہ چيو تہ سڪرنڊ پريس ڪلب بي لوث ۽ بنا معاوضي خدمت ۽ ڪرپشن کان پاڪ ماحول قائم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جيڪي ادارن کي ڪامياب ڪندا آهن ان کان اڳ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو.

سڪرنڊ ايس ٽي پي جو وفد سڪرنڊ پريس ڪلب پهچي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪئي

ڳڙهي ۾ تحفظ ناموس صحابه واهلبيت ڪنوينشن

صحابه ۽ اهلبيت جو ڏسيل راهہ تي هلڻ ئي اسلام جي راهہ آهي: علماءِ اڪرام

صحابه اڪرام ۽ اهلبيت سان محبت ڪرڻ حضرت محمد مصطفي صہ سان محبت ڪرڻ آهي

ڳڙهي (ن ع) سني سلامتي پاڪستان تعلقي سوڀوديرو جي پاران ڳوٺ دين محمد سولنگي ۾ تحفظ ناموس صحابه واهلبيت ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن کي سني سلامتي پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ غازي سيد محمد پريل شاهہ بخاري مولانا عبدالرب عثماني مولانا جميل احمد عثماني محمد صديق سولنگي غلام عباس خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ صحابه ۽ اهلبيت جو ڏسيل راهہ تي هلڻ ئي اسلام جي راهہ آهي انهن ئي اسلام جي تبليغ ڪئي آهي اسلام امن ڀائيچاري جو پيغام ڏئي ٿو صحابه اڪرام ۽ اهلبيت سان محبت ڪرڻ حضرت محمد مصطفي صہ سان محبت ڪرڻ آهي صحابه اڪرام ۽ اهلبيت هميشہ حق سچ تي هلڻ جي تلقين ڪئي آهي انهن جي دامن پڪڙڻ سان آخرت ۾ نجات حاصل ٿيندي ان موقعي تي ثناخوانن نعت خوان نعتون پيش ڪيون

ڳڙهي تحفظ ناموس صحابه واهلبيت ڪنوينشن کي علماءِ اڪرام خطاب ڪندي

حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ طرفان احتجاجي مظاهرو

وينزويلا تي آمريڪي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

آمريڪا يونائيٽيڊ نيشنس کي عملي طرح ختم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) وينزويلا تي آمريڪي جارحيت خلاف عوامي تحريڪ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد مهيسر سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، سرمد راڄپر ايڊووڪيٽ راحيل پلي ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر ڪاشف ملاح، جام تماچي اسلم پرويز عمراڻي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ وينزويلا تي حملو ڪري آمريڪا يونائيٽيڊ نيشنس کي عملي طرح ختم ڪري ڇڏيو آهي. دنيا تي آمريڪي جارحيت بڌائي ٿي تہ عملي طرح ٽين عالمي جنگ هلي رهي آهي. هنن چيو تہ وينزويلا تي آمريڪي سامراج جو حملو دنيا جي مظلوم قومن تي حملو آهي. هي حملو گڏيل قومن جي وجود تي وار آهي. عالمي قانون تسليم ڪرڻ کان انڪاري آمريڪا سامراج دنيا جي امن لاءِ تي خريدڻ جي آمريڪي ڪوشش جهنگ جي قانون کان بہ بدتر آهي گرينلينڊ تي متوقع آمريڪي قبضي کانپوءِ دنيا باضابطا طور اعلانيل ٽين عالمي جنگ جي طرف ڌڪجي ويندي. آمريڪي سامراج سائوٿ آفريڪا ۾ آئيوري ڪوسٽ ۽ برڪينا فاسو جي اڳوڻي صدر ۽ فوجي حڪمران ليفٽيننٽ ڪرنل پال هينري ڊاميبا ذريعي برڪينا فاسو تي بہ حملي جي ڪوشش ڪئي ۽ موجوده صدر ابراهيم ترووري کي قتل ڪرڻ جي سازش ڪئي جيڪا ناڪام ٿي ايران بہ آمريڪا جي نشاني تي آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان خصوصن سنڌ جي وسيلن تي آمريڪي سامراج جي ميري اک آهي. وينزويلا تي آمريڪي سامراج جي حملي سان پوري دنيا پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهي رهي آهي. هن حملي سان دنيا ڪيترين ئي صديون پوئتي ڌڪجي ويندي. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ تاريخ شاهد آهي تہ آمريڪي جنگيون ۽ مداخلتون رت جون نديون وهاريون آهن.

سڪرنڊ ۾ انڊس پبلڪ سوشل فورم پاران مچ ڪچهري

سڪرنڊ (ن ع) انڊس پبلڪ سوشل فورم پاران مجيد عباسي شاهنواز ماڇوڪي نويد سومرو ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفي ڪيريو جي ميزباني هيٺ تعليم جو ضروري آهي جي عنوان هيٺ مچ ڪچهري ڪرائي وئي جتي محمد بچل ڪيريو نثاراحمد ڪيريو شوڪت ڪيريو سيد احسان شاهہ سائول ڪيريو ظفرعلي ڪوڪر نياز لاشاري، علي شير ڪيريو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ تعليم کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي غريب لا وڏو هٿيار اعلي تعليم آهي ملڪ تعليم کانسواءِ ترقي نٿو ڪري سگهي تعليم بهتر آفيسر ۽ سائنسدان پيدا ڪري ٿي سردارعبدالستارڪيريو جو تعليم لا ڪنيل قدم ساراهہ جوڳو آهي ان موقعي تي حميد آرائين لطيف سولنگي فوجي شريف ڪيريو . محبوب سنڌي، گل حسن بنگلاڻي نويد انجم منصور عباسي سڪندر سولنگي غلام حيدر سولنگي ۽ غلام النبي ملاح سميت ٻين شهرين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سگهڙ ڪچهري پڻ ٿي جنهن ۾ گل بيگ جمالي، فقير منٺار بگهيو اير قاسم ڏاهري ۽ ٻين ڏور ٻيت ڪچهارڻ ڏئي واهہ واهہ ڪرائي ڇڏي

آرمي سليڪشن اينڊ رڪروٽمينٽ آفيس چور جي پڌرائي

مٺي (ڊ-ر) آرمي سليڪشن اينڊ رڪروٽمينٽ آفيس چور جي پڌرائي موجب پاڪستان آرمي ۾ صرف مسلم چوڪرن جي ڀرتي لاءِ تاريخ 19 جنوري 2026 کان 28 جنوري 2026 تائين آرمي سليڪشن اينڊ رڪروٽمينٽ سينٽر چور پاران آن لائين ۽ ريو ڀرتي لاءِ چور ڪينٽ اچي سگهن ٿا آرمي سليڪشن اينڊرڪروٽمينٽ آفيس چور پاران اسپيشل ڪيمپ ميونسپل ڪاميٽي مٺي ۾ 20 جنوري تي صبح 8:30 بجہ کان شام 4:00 بجہ تائين لڳائي ويندي (جن اميدوارن 01 سيپٽمبر کان 23 نومبر 2025 ۾ اپلاءِ ڪيو هو اهي هن ڪيمپ ۾ اهل ڪونہ هوندا.

ڪيلاش ڪوهلي جي قتل سان پوري هندو برادري ۾ سخت ڏک رنج ۽ خوف جي لهر پيدا ٿي آهي: سڪديو هيمناڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سڪديو هيمناڻي ضلعي بدين جي علائقي تلهار ۾ نوجوان ڪيلاش ڪوهلي جي بي دردي سان قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ ان کي هڪ وحشياڻ ۽ دل ڏکوئيندڙ واقعو قرار ڏنو آهي ترجمان سنڌ حڪومت هيمناڻي هڪ معصوم جان جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ پونئين سان دلي تعزيت ٿي هن چيو تہ هن قتل سان پوري هندو برادري ۾ سخت ڏک، رنج ۽ خوف جي لهر پيدا ٿي آهي ”سنڌ حڪومت ڏک جي هن گهڙي ۾ وارثن سان گڏ بيٺل آهي ۽ مرحوم جي مائٽن سان مسلسل رابطي ۾ آهي“ هن يقين ڏياريو تہ سنڌ حڪومت هن واقعي جو سنجيده نوٽيس ورتو آهي ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ شفاف ۽ ترت جاچ ڪئي وڃي ۽ جوابدار کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي هيمناڻي ضمانت ڏني تہ جوابدار کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي سنڌ حڪومت جي ترجمان سڪديو هيمناڻي وڌيڪ هدايو تہ سنڌ هيومن رائٽس ڪميشن جي ميمبر جي حيثيت سان پڻ هن واقعي جو نوٽيس ورتو

ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان جڙيل اکڙي ويو

ديهہ 333 ڪارپيٽ لنڪ روڊ سال پورو ٿيڻ کان اڳ ئي هنڌان هنڌان ٽٽي تباهہ ٿيڻ لڳو

ناقص ميٽيريل جي استعمال سبب روڊ اکڙي تباهہ ٿي رهيو آهي ايڪشن ڪنيو وڃي: رهواسي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ديهہ 333 ڪارپيٽ لنڪ روڊ سال پورو ٿيڻ کان اڳ ئي هنڌان هنڌان ٽٽي تباهہ ٿيڻ لڳو آهي سال اڳ تعمير ٿيل ديهہ 333 لنڪ روڊ چونڊيل نمائندن جي عدم دلچسپي انتظاميہ جي مبينا ملي ڀڳت سان ناقص ميٽيريل جي استعمال سبب روڊ اکڙي تباهہ ٿي رهيو آهي ڳوٺاڻن چيو تہ لڳ ڀڳ ٻارنهن سالن کان پوءِ هي روڊ تعمير ٿيو هو پر ٺيڪيدار ۽ انجنيئرن مبينا طور ملي ڀڳت ڪري ناقص ميٽيريل استعمال ڪيو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ سال بہ نہ گذريو روڊ هنڌان هنڌان ٽٽڻ شروع ٿي ويو آهي، جڏهن تہ ڪير بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ڳوٺاڻن وس وارن ادارن ۽ وزيراعظم پاڪستان کان اپيل ڪئي آهي تہ ڪروڙين روپين جي لاڳت سان ٺهيل ناقص ڪارپيٽ روڊ جي جاچ ڪرائي ذميوار انجنيئرن ۽ ٺيڪيدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ڳوٺاڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ هي لنڪ روڊ ڪيترن ئي ڳوٺن کي پاڻ ۾ ۽ شهر سان ملائي رهيو آهي، جن ۾ ڳوٺ حاجي محمد رمضان ڪالرو ديهہ 334 ڳوٺ مريد سيٺهڙ الله رکيو سيٺهڙ مردان راڄپوت عنايت صوبيدار ديهہ 333 سميت ڪيترائي قديمي ڳوٺ شامل آهن

ڪوٽ غلام محمد ڳوٺ ديهہ 333 جو تعمير ڪارپيٽ لنڪ روڊ ٽٽي تباهہ ٿيل نظر اچي ٿو

شهدادڪوٽ تعلقي ۾ پ ٽ الف جي چونڊ، دريا خان مستوئي پئنل ڪامياب

مهر گروپ جي حمايتي دريا خان مستوئي پئنل بنا مقابلي ڪاميابي ماڻي ورتي

استادن ڪامياب پئنل جي سمورن عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ ٽ الف تعلقي شهدادڪوٽ آئيني چونڊن لاءِ غلام رسول مهر گروپ جي حمايتي استادن پاران جيئي لطيف پئنل تحت نامزدگي وارا فارم ڀرايا جنهن تحت دريا خان مستوئي پئنل ۾ حصو وٺندڙ سمورا اميدوار جن ۾ صدر دريا خان مستوئي، جنرل سيڪريٽري عاشق حسين ڀٽي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري احمد رضا ٽونيو سميت سمورا اميدوار مخالف پئنل پاران نامزدگي وارا ڪاغذ جمع نہ ڪرائڻ سبب بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن هوڏانهن استادن ڪامياب پئنل جي سمورن عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ٻئي بنا مقابلي ڪامياب ٿيل پ ٽ الف جي صدر دريا خان مستوئي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌن پهرين ترجيح استادن جا مسئلا حل ڪرڻ آهن تہ جيئن پيغمبراڻو پيشي سان تعلق رکندڙ استاد مشڪلاتن ۽ مسئلن کان آجو رهي ٻارڙن کي تعليم جي زيور سان سينگارين

شهدادڪوٽ پٽ الف جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيل صدر سرائي دريا خان مستوئي ۽ ٻين عهديدارن کي استاد گل پارائي رهيا آهن

وڳڻ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي

شعيب مجاهد ٽنيو جي واڙي مان پلوڙ نسل جي مينهن چوري

پوليس امن امان ڪرائڻ ۾ ناڪام، ڳوٺاڻن جون ننڊون حرام ٿي ويون

وڳڻ(ن ع) وڳڻ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي پوليس امن امان ڪرائڻ ۾ ناڪام ڳوٺ ڇٽوديرو مان چور وڪيل شعيب مجاهد ٽنيو جي واڙي مان پلوڙ نسل جي مينهن چوري ڪري فرار ٿي ويا چوريءَ جو اطلاع وڳڻ پوليس کي پڻ ڏنو ويو جنهن بعد وڳڻ پوليس پهچي جاءِ واردات جو معائنو ڪيو جڏهن تہ ڳوٺاڻا پڻ چورن جي پويان لڳل پيرا ڏيرا جي طرف وڃن پيا رابطو ڪرڻ تي وڪيل شعيب مجاهد ٽنيو ٻڌايو تہ ڳوٺ ڇٽوديرو ۾ اسانجو واڙو آهي جتان رات دير سان چور پلوڙ مينهن جنهنجي ماليت ست لک رپيا آهي اها چوري ڪري ويا آهن ٻئي پاسي نواب خاصخيليءَ ۽ انڊس هاءِ وي تان جسقم اڳواڻ کان پڻ موٽرسائيڪل ڦر ڪئي وئي هئي ۽ ڳوٺ لڙڪي هاشم مان پڻ ٽي ڏينهن اڳ چور زاهد خاصخيليءَ جي دڪان مان لکين رپين جي ماليت جي چوري ڪري ويا هيا ڳوٺ لڙڪي هاشم مان ئي ڦورو عبدالڪريم ٽنيو کان ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل ۽ انڊس هاءِ وي تان ئي ڦورو بن ڇڻن عادل ٽنيو ۽ عبدالحنان ميراڻي کان موبائل فونون ۽ پندرنهن هزار روڪ رقم ڦر ڪري ويا هيا جڏهن تہ جي يو آءِ ڪارڪن حافظ احمد خان کان پڻ ڦر ٿي هئي پر وڳڻ پوليس هن وقت تائين

واپڊا مٽياري جا ڪلوڙ جيئنڊل ڪوٽ فيڊر جي صارفين کي ڊبڪشن وارا بل جاري ڪري ڇڏيا

بجلي جا حد کان وڌيڪ ۽ ڊبڪشن وارا بل موڪلڻ سبب واهپيدار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

واپڊا مٽياري جا ميٽر ريڊر بنا ميٽر چيڪ ڪرڻ جي ڏکي تي ريڊنگ لکي موڪلين ٿا: علائقي واسي

نتيجي ۾ اصل استعمال کان گهڻو وڌيڪ يونٽس ڏيکاريا وڃن ٿا، ڊبڪشن وارا بل رد ڪري انصاف ڪيو وڃي

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي واپڊا مٽياري پاران بجلي جا حد کان وڌيڪ ۽ ڊبڪشن وارا بل موڪلڻ سبب واهپيدار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. غريب ۽ پورهيت طبقو جيڪو اڳ ئي مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي هاڻي بجلي جي ڳرن بلن سبب مڪمل طور بي وس نظر اچي رهيو آهي. علائقي وارن جو چوڻ آهي تہ واپڊا مٽياري جا ميٽر ريڊر بنا ميٽر چيڪ ڪرڻ جي ڏکي تي ريڊنگ موڪلين ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ اصل استعمال کان گهڻو وڌيڪ يونٽس ڏيکاريا وڃن ٿا. ڪيترن ئي واهپيدارن کي اهڙا بل مليا آهن جن ۾ هزارين رپين جون ناجائز ڊبڪشنون شامل آهن، جڏهن تہ انهن اڳ ئي باقائدي بل ادا ڪيا آهن معاثر واهپيدارن جو چوڻ آهي تہ ڊبڪشن وارو نظام غريب ماڻهن لاءِ عذاب بڻجي ويو آهي ڪجهہ صارفن ٻڌايو تہ سندن بجلي جو استعمال محدود هجڻ باوجود ڪين 20 کان 30 هزار رپين تائين جا بل موڪليا ويا آهن جيڪي سندن آمدني کان ٻاهر آهن واپڊا آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ باوجود مسئلا حل ناهن ٿي رهيا. واهپيدارن جو الزام آهي تہ شڪايت داخل ڪرائڻ کان پوءِ بہ عملدار سنجيدگي نٿا ڏيکارين جنهن سبب عوام ۾ بي چيني وڌي رهي آهي. پورهيت طبقي روزانو مزدوري ڪندڙن ۽ ننڍن واپارين لاءِ اهي ڳرا بل سندن گهرن جو بجيٽ مڪمل طور تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترن گهرن ۾ بجلي جا ڪنيڪشن ڪٽجڻ جو بہ خدشو پيدا ٿي ويو آهي. علائقي واسين حڪومت، واپڊا جي اعلي اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ ناجائز ۽ ڊبڪشن وارا بل فوري طور رد ڪيا وڃن، ميٽر ريڊرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، اصل ريڊنگ جي بنياد تي نوان بل جاري ڪيا وڃن غريب واهپيدارن کي رليف ڏنو وڃي جيڪڏهن جلد مسئلا حل نہ ڪيا ويا تہ واهپيدارن پاران احتجاج ۽ سخت قدم کڻڻ جي بہ چتاءُ ڏنو ويو آهي.

مسوبرڳڙي واپڊا مٽياري جا ميٽر ۽ بجلي جا بل جن ۾ حد کان وڌيڪ يونٽس ۽ ناجائز ڊبڪشنون لڳايون ويون آهن

آمريڪا جون ڪارروايون عالمي امن لاءِ خطرناڪ آهن: ڊاڪٽر اسد اقبال زيدي

ڪنهن بہ آزاد رياست جي سربراهہ سان اهڙو رويو عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي

ملڪ ۾ قانون جي بالادستي هجڻ گهرجي، پر انتقامي سياست کان پاسو ڪيو وڃي

نصيرآباد (ن ع) شيعا علماءِ اسلام سنڌ جي صوبائي صدر علامہ ڊاڪٽر سيد اسد اقبال زيدي تعلقہ پريس ڪلب نصيرآباد جو دورو ڪيو ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ملڪي توڙي عالمي صورتحال تي تفصيلي پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي سندس سان صوبائي نائب صدر سيد رياض حسين شاهہ ضلعي صدر زوار صابر حسين وڌي محمد ملوڪ لغاري، ڪاظم رضا جويو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. علامہ اسد اقبال ڳالهائيندي چيو تہ انسانيت جي دشمنن پاران لعل شهباز قلندر جي درٻار تي خودڪش حملو ڪري اهو سمجهيو هيو تہ اهي حضرت لعل شهباز قلندر جي چاهيندڙن جي رستا روڪ ڪندا پر اڄ بہ لعل شهباز قلندر جي مزار تي هزارين پانڌيئڙا پهچن ٿا، هن چيو تہ خودڪش حملي ۾ شهيد ٿيندڙن جي ورسي لعل شهباز قلندر جي نگري ۾ ملهائي ويندي ۽ صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو تہ آمريڪا جون اهڙيون ڪارروايون عالمي امن لاءِ خطرناڪ آهن، هن چيو تہ ڪنهن بہ آزاد رياست جي سربراهہ سان اهڙو رويو عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي. اسلامي ملڪن کي هن وقت سڀ کان وڌيڪ اتحاد جي ضرورت آهي. هن زور ڏنو تہ جيڪڏهن اسلامي ملڪ هڪ پليٽ فارم تي گڏ نہ ٿيا تہ استعماري قوتون ڪين نشانو بڻائينديون رهنديون. هن وڌيڪ چيو تہ اسلامي ملڪ هڪ ٻئي جي ڏينهن ضرور متحد ٿيندا ۽ دنيا ڏسندي تہ اسلام کان وڌيڪ طاقتور بيو ڪو بہ دين يا نظام ناهي. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي مليل سزا بابت پڇيل سوال تي تبصرو ڪندي هن چيو تہ ملڪ ۾ قانون جي بالادستي هجڻ گهرجي پر انتقامي سياست بدران شفافيت کي ترجيح ڏيڻ گهرجي تہ جيئن ملڪ سياسي استحڪام طرف وڌي سگهي. پريس ڪانفرنس جي آخر ۾ هن تعلقہ پريس ڪلب نصيرآباد جي نئين چونڊيل باڊي صدر حسين بخش جتوئي، جنرل سيڪريٽري بشير احمد بروهي جوائنٽ سيڪريٽري راجا ريحان لاشاري، آڊيٽر عبدالمجيد بروهي کي گلن جون مالهائون پارائي مبارڪباد ڏيندي صحافين جي ڪردار کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ ميڊيا حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي رهندي.

نصيرآباد ڊاڪٽر اسد اقبال زيدي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڳاڙهو شگر مل مالڪن جي نااهلي سبب ڪارخانو بند

ڳاڙهو (ن ع) ڳاڙهو شگر مل مالڪن جي نااهلي ڪارخانو بند ڪري ڪمند واپس پورهيتن کي ڇٽي ڪرائي وئي خبر موجب عبدالله شاهہ غازي شگر مل ڳاڙهو هن سال بہ هلي نہ سگهي سوين ٽرڪون ڪمند گهرائي مل مالڪ طرفان اوچتو ڪارخانو بند ڪري چار سئو پورهيتن جي ڇٽي ڪرائي ڪمند سان ڀريل ٽرڪون ۽ ٽالا واپس ڪري ٽالابندي ڪئي وئي جنهن سان هزارين خاندان بيروزگار ٿي ويا ۽ زميندارن جا پڻ ڪمي تي هٿ اچي ويا آهن مل انتظاميہ جو چوڻ آهي تہ بوائلر هائوس جي خرابي سبب ڪرشنگ جو عمل بند ڪيو ويو آهي

هالا ۾ مخدوم رفيق الزمان جي مينيجر جي وفات تي تعزيت

هالا(ن ع) اڳوڻي وزير داخلہ مخدوم رفيق الزمان جي مينيجر ضلع مٽياري جي معروف سماجي شخصيت فقيرحسين علي جعفري جي انتقال تي صحافي اتحاد گروپ جي اڳواڻن ۾ سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ نثار لغاري عبدالرحيم ميمڻ

لڙي ميرواهہ تعلقي ۾ گڏريل چئن ڏينهن کان سخت ڪوهيڙي جو راڄ

صبح ۽ شام جي وقت ڪوهيڙي سبب روڊن تي ٽريفڪ جي آمدورفت بہ متاثر ٿيڻ لڳي

مارڪيٽن ۽ عوامي هنڌن تي رش بہ گهٽجي وئي، اسڪولن ۾ شاگردن جي حاضري پڻ نہ هئڻ برابر

لڙي ميرواهہ(ن ع) لڙي ميرواهہ تعلقي ۾ گڏريل چئن ڏينهن کان سخت ڪوهيڙي ۽ ٿڌ ۾ واڌ سبب روزمره جي زندگي متاثر ٿي رهي آهي صبح ۽ شام جي وقت ڪوهيڙي سبب روڊن تي ٽريفڪ جي آمدورفت بہ متاثر ٿيڻ لڳي سخت سردي سبب شهري خاص ڪري ٻار بزرگ شاگرد سخت پريشاني کي منهن ڏيئي رهيا آهن ٿڌ وڌڻ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي جن وٽ گرم ڪپڙن ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ آهي تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن سيٺارجا، سوئي گيس، هنڌياري، ۽ ٻين روڊن تي هلندڙ ٽريفڪ پڻ متاثر ٿي رهي آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 11 جنوري 2026ع

اتر وزيرستان ۽ ڪُرم آپريشن: امن جي پيدا ٿيل نئين اُميد!

خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز طرفان تازو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن رياست جي عزم کي هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪري ٿو ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ آخري ساهه تائين جاري رهندي. اتر وزيرستان ۽ ضلعي ڪرم ۾ ٿيل ٻن الڳ آپريشنن دوران 11 دهشتگردن جو مارجي وڃڻ نه رڳو هڪ اهم فوجي ڪاميابي آهي پر انهن قوتن لاءِ پيغام آهي، جيڪي پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني ڦهلائڻ لاءِ اندروني توڙي ٻاهرين سرپرستي هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل بيان موجب مارجي ويل دهشتگردن جو تعلق پارٽي پراڪسي فتنه الخوارج سان هو جيڪا رياست پاران پابندي مڙهيل تحريڪِ طالبان پاڪستان لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهي. حقيقت ۾ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ملڪ اندر ٿيندڙ دهشتگردي صرف مقامي مسئلو ناهي پر ان جي پاڙ علائقائي ۽ عالمي سازشن سان ڳنڍيل آهن. اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز کي دهشتگردن جي موجودگيءَ بابت ڳجهه اطلاع مليو جنهن کان پوءِ ڪيل ڪارروائيءَ دوران فائرنگ جي سخت ڏي وٺ ٿي ۽ ڇهه دهشتگرد مارجي ويا. ساڳئي ڏينهن ضلعي ڪرم ۾ پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي گڏيل آپريشن ۾ پنج ٻيا خوارج به ماريا ويا. ٻنهي ڪارروائين دوران تمام گهڻي تعداد ۾ هٿيار ۽ گولابارود جي هٿ اچڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اهي دهشتگرد نه رڳو سيڪيورٽي ادارن خلاف ڪارروائين ۾ ملوث هئا پر بيگناهه شهرين جي ٽارگيٽ ڪلنگ جهڙن ڏوهن ۾ به سرگرم رهيا. اهڙن عنصرن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي.

پاڪ فوج جون رياست مخالف عنصرن خلاف جاري ڪليئرنس آپريشنز ان ڳالهه جو اظهار آهن ته رياست عارضي ڪاميابين تي مطمئن ٿيڻ بدران دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين جدوجهد جاري ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. گڏيل سطح تي جاري آپريشن ٻڌائين ٿا ته جيستائين اهڙن نيٽ ورڪن کي مڪمل طور تي ختم نه ڪيو وڃي ته اهي هڪ ڀيرو ٻيهر منظم ٿين ٿا. تنهن ڪري مستقل ۽ جامع حڪمت عملي، جنهن ۾ هٿياربند فوج، پوليس، انٽيليجنس ادارا ۽ سول انتظاميا گڏجي ڪم ڪن ته اهڙن عنصرن جون پاڙون اکيڙي سگهجن ٿيون. ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداريءَ پاران سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ قومي سطح تي اتحاد ۽ اعتماد جو مظاهرو آهي. جڏهن ملڪ جي سياسي قيادت، ادارا ۽ عوام هڪ ئي صف ۾ بيٺل هوندا ته دشمن قوتن لاءِ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. دهشتگرديءَ خلاف جنگ رڳو هٿيارن سان نٿي وڙهي سگهجي پر ان لاءِ قومي اتفاق، سياسي استحڪام، معاشي سڌارا ۽ علائقن ۾ ترقي به لازمي آهي ته جيئن انتهاپسنديءَ پيدا ٿي نه ٿي سگهي.

اها به حقيقت آهي ته خيبر پختونخوا، خاص طور تي قبائلي علائقا گذريل ڊگهي عرصي کان دهشتگرديءَ جو ميدان بڻيل آهن. جتي عام ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي، پر اهڙين ڪامياب ڪارروائين سان اميد پيدا ٿئي ٿي ته نيٺ هڪڙو ڏينهن اهڙو به ايندو جو رياست انهن علائقن ۾ مڪمل طور تي امن بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي. بهرحال ضروري آهي ته امن قائم ٿيڻ کان پوءِ تعليم، روزگار ۽ سماجي ترقيءَ جا در کوليا وڃن ته جيئن نوجوان نسل ڪنهن به ناگوار سوچ جو شڪار نه ٿئي. دهشتگرديءَ خلاف جاري جنگ رڳو فوجي محاذ تي نه پر فڪري ۽ سماجي محاذ تي به وڙهڻي پوندي ۽ تڏهن ئي ملڪ هڪ پُرامن، محفوظ ۽ مستحڪم ملڪ طور اڳتي وڌي سگهندو.

لطيفي لات — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَڄَڻَ سَفَرِ هَليا!
رُئان رَهنِ نه سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪِيئَن؟
مُونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻجارو اوهِري!

(سُر ساموندي)

Notes From Europe

ناڪا اسٽاڪهولم کان مورو تائين: پوسٽ آفيس جي يادن جو هڪ سفر

عبدالله عثمان مورائي

اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ جتي هڪ ڪِلڪ تي پيغام سڄي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو اُتي خطن جو انتظار ۽ پوسٽ آفيس جي رونق هاڻي رڳو يادن جي پناهه گاهن ۾ وڃي بچي آهي. تازو سويڊن جي شهر ناڪا اسٽاڪهولم ۾ جڏهن مون کي نئين قانون تحت پنهنجي پوسٽ يعني خط پٽ، پوسٽ آفيس مان وڃي وصول ڪرڻ جو نياپو مليو ته ناڪا جي ان پوسٽ آفيس جي دروٽ منهنجا پير رُڪجي ويا، ائين لڳو ڄڻ وقت جا سڀ ڪانٽا پٺتي گهمي ويا هجن.

ناڪا جي اُن جديد پوسٽ آفيس ۾ داخل ٿيندي ئي منهنجي اکين اڳيان سنڌ جي شهر موري جي پوسٽ آفيس جو عڪس تري آيو. آهي منهنجي مڊل ۽ هاءِ اسڪول وارا ڏينهن هئا. هڪ اهڙو وقت جڏهن دنيا اڄ وانگر 'گلوبل وليج' نه هئي پر خطن جي ذريعي جڙيل هڪ وسيع ڪائنات هئي.

قلمي دوستي: خطن جي خوشبو ۽ انتظار جي لذت

تنهن دور ۾ موري جي ٽيندڙ منجهند ۾ جڏهن آئون اسڪول کان موٽندي بابا جي دڪان تي ويندو هئس ته ڪڏهن ڪڏهن ڪائن جي رجسٽرن جي مٿان رکيل هڪ لفافو منهنجي سڄي ڏينهن جي ٿڪ کي خوشيءَ ۾ بدلائي ڇڏيندو هو. مون کي اڄ به پنهنجي پهرئين قلمي دوست جو پتو (Address) دل سان ياد آهي، هوءَ انگلينڊ جي ڪائونٽي ولٽشائر جي شهر سونڊن شهر (Swindon) جي هڪ نينگري 'ڪليئر ايف' هئي.

تنهن دور ۾ فنلينڊ جي شهر 'ترڪو' ۾ هڪ ادارو 'انٽرنيشنل يوٿ سروس' هوندو هو، جيڪو ٿورڙين عيوض سڄي دنيا جي نوجوانن جا پتا هڪٻئي کي فراهم ڪندو هو. اُها حيرتن جي دنيا هئي! جڏهن به ڪو پرديسي خط ملندو هو ته آئون سڀ کان اڳ 'ورلڊ اٽلس' جو نقشو کولي اُن شهر کي ڳوليندو هئس. جتان اهو خط آيو هوندو هو. اها رڳو ڪاغذ جي مٿاستا نه هئي پر گهر ويٺي سڄي دنيا جو سفر هو.

سچ ته اِهو آهي ته اُهي خط رڳو پيغام نه هوندا هئا. پر اهي 'وقت جا جهيڙي' هئا. جيڪي ست سمنڊ پار ڪري، مختلف هٿن مان لنگهي هڪ مخلصائي خوشبوءِ کڻي اسان تائين پهچندا هئا. اڄ جي ميسيج ۾ اهو لمس (Touch) ناهي، جيڪو ڪاغذ تي اپريل اکرن ۽ هٿ جي لکت ۾ هوندو هو.

شهاب ميمڻ: هڪ ايماندار پوسٽ مين جو يادگار ڪردار

موري جي پوسٽ آفيس سان منهنجي دوستي رڳو خطن تائين محدود نه هئي پر اُتي جو اسٽاف به مون کي پنهنجو لڳندو هو. خاص ڪري پوسٽ مين شهاب ميمڻ جيڪو روزانو نارو شاهه کان موري پنهنجي ڊيوٽي ڪرڻ ايندو هو. شهاب هڪ انتهائي حليم، ايماندار ۽ نيڪ انسان هو. جڏهن آئون پري کان کيس ڏسندو هئس ته هو پري کان ئي ڪنڌ جي اشاري سان ٻڌائيندو هو ته اڄ ڪو پرديسي خط يا پارسل آيو آهي يا نه.

اسين ڪڏهن ڪڏهن پوسٽ آفيس جي 'سورٽنگ روم' (Sorting Room) ۾ گڏجي چانهه پيئندا هئاسين. ان وقت منهنجي ذهن ۾ رڳو اهو هوندو هو ته ڪڏهن گهر وڃي اهو خط کوليان. آهي احساس، آها تڙپ ۽ اهو انتظار اڄ جي نسل لاءِ شايد هڪ ڏند ڪٿا هجي، جيڪي انسٽنٽ ميسيجز جي دور ۾ پلجي رهيا آهن.

ڊجيٽل دور ۽ خطن جو زوال

مون ان دور ۾ رڳو دوستن کي نه پر دنيا جي وڏين يونيورسٽين کي پراسپيڪٽس لاءِ، سياحتي مرڪزن کي معلومات لاءِ ۽ سفارتخانن کي سنڌن ملڪن جي ڄاڻ لاءِ خط پڻ لکيا. ان دور ۾ جيڪي منهنجا قلمي دوست ٿيا اڄ به انهن مان ڪجهه دوستن سان رابطو آهي پر هاڻي خطن جي جاءِ فيس بُڪ، اِي ميل ۽ واٽس ايپ والاري ورتي آهي.

سويڊن ۾ اڄ به پوسٽ آفيسون فعال آهن ۽ نظام تمام بهتر آهي پر رڳو گهڻي قدر پرنٽ ٿيل سرڪاري خطن پٽن لاءِ يا ڪڏهن ڪنهن دوست يا فيملي ميمبر ڪنهن ڏي هٿ سان لکي ڪو ويو ڪارڊ يا ڪن خاص ڏهاڙن تي ڪي ڪارڊ موڪليا ته نيڪ نه ته گهڻي قدر ڪم ڊجيٽل ٿي ويو آهي. اها 'روحانيت' جيڪا هٿ

21هين صديءَ ۾ 1857ع جو منظر!


محمود شام

’آئون بيگناهه آهيان. آئون هڪ مهذب ۽ نميوار انسان آهيان مون کي ڏوهه ناهي ڪيو‘ ۽ ٿي ڪنهن پرڏيهي ملڪ کي اِهو حق حاصل آهي ته هُو اهڙي طرح ڪنهن خودمختيار ملڪ جي صدر کي اغوا ڪري زوريءَ پنهنجي ملڪ کڻي وڃي ’ وينزويلا جي 63 ورهين جي صدر نڪولس مادورو گرفتار جو هي بيان نيويارڪ جي هڪ عدالت ۾ سامهون آيو. جيڪو سڄي دنيا ۾ موجوده امريڪي حڪومت لاءِ وڏي شرمندگي جو سبب بڻجي ويو آهي هن واقعي ڪانپوءِ هر ملڪ ۾ بحث هلي رهيو آهي ته ڇا ڪنهن پرڏيهي ملڪ کي اهو اختيار هجڻ گهرجي ته هو ٻئي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ اهڙي ڪليل جارحيت ۽ مداخلت ڪري. وينزويلا ڏکڻ امريڪا جو هڪ اهم ملڪ آهي جنهن جي آبادي لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ 10 لک آهي. ملڪ جي ڪُل ايراضي 916 هزار 445 چورس ڪلوميٽر تي پکڙيل آهي جڏهن ته هتي دنيا جا وڏا 303 ارب بيرل تيل جا ذخيرا موجود آهن هن ملڪ جي قومي ٻولي هسپانوي آهي. حڪومتي نظام وفاقي صدارتي جمهوريه تي ٻڌل آهي. سياسي طور ملڪ تي يونائيٽيڊ سوشلسٽ پارٽي حڪمران آهي ۽ هتي تعليم جي شرح لڳ ڀڳ 97 سيڪڙو آهي. اهڙي خودمختيار، وسيلا ڀريور ۽ سياسي طور مضبوط ملڪ جي صدر مادورو سان امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ذاتي دشمني ڪا نئين ڳالهه ناهي پر اها سندس پوئين صدارت واري دور کان هلندي اچي ٿي جيڪا هاڻي کلي سامهون اچي وئي آهي. آگسٽ 2017ع ۾ به وينزويلا تي پابنديون لاڳو ڪيون ويون هيون پر هاڻي جيڪو عمل ڪيو ويو آهي اهو ڪنهن هڪ ملڪ خلاف کليل دهشتگردي کان گهٽ ناهي جيڪا نئين سال جي ٽئين ڏينهن سامهون آئي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا 21هين صديءَ ۾ به اهڙي عمل جو تصور ڪري سگهجي ٿو؟ پر امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي برتري جي زعم ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪري ڏيکاريو.

حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته وڏا وڏا زبان دراز ۽ پاڻ کي عالمي انصاف جا علمبردار سڏائيندڙ اڄ مات ويٺا آهن سفارتڪاري جا ماهر، بادشاهتي جمهوريت (سلطاني جمهور) جا حامي ۽ هر ملڪ جي خودمختياري جا دعويدار به رڳو هلڪا ڦلڪا، نرم نرم بيان جاري ڪري رهيا آهن سيڪيورٽي ڪائونسل جي هنگامي اجلاس ۾ به صرف رسمي ڪارروائي هلي رهي آهي. پر ڪو عملي قدم کڻڻ نظر نٿو اچي چين، روس ۽ ترڪيءَ جا صدر نڪولس مادورو جي حمايت ڪندڙ ملڪن ۾ شامل آهن پر انهن طرفان به ڪو ٺڪڙو يا اثرائتو قدم سامهون نٿو اچي انصاف تي عملدرآمد جي حوالي سان امريڪي عدالتي نظام جي ساک ته وڏي آهي. پر بين الاقوامي قانونن جا ماهر حيران آهن ته آخر نيويارڪ جي عدالت اهو ڪيس ٻڌڻ لاءِ ڪيئن قبول ڪيو؟ ڇا نيويارڪ جي عدالت جو دائرو اختيار هاڻي وينزويلا جي صدارتي محل تائين به وڌي ويو آهي؟ جن سيڪيورٽي اهلڪارن هڪ ملڪ جي صدر ۽ خاتون اول کي عدالت ۾ هٿڪڙين ۽ بيڙين هڻي عام ڏوهارين وانگر پيش ڪيو. ڇا اهو عمل خود امريڪي قانونن ۽ عالمي قانونن جي عين مطابق آهي يا نه؟ هي سوال اڄ سڄي دنيا اڳيان بيٺل آهي جيڪڏهن اها ئي روايت قائم رهي ته پوءِ ڇا ننڍيون قومون پنهنجن وڏن پاڙيسرين، وڌيڪ دولت رکندڙ ملڪن ۽ وڏي فوجي طاقت وارين حڪومتن کان محفوظ رهي سگهنديون؟ سوال اِهو آهي ته ڇا امريڪا جا دانشور، اديب، صحافي، پروفيسر ۽ اسڪالرز وينزويلا جي خودمختياريءَ ۾ اهڙي کليل مداخلت تي مات ڪري ويهي رهندا؟ ڇا ڪنهن ٻئي ملڪ جو صدر ڊانلڊ ٽرمپ سان اهو هجي زبردستي اقتدار تي قابض ٿيو هجي يا ڪريٽ هجي، پر پوءِ به ڪنهن پرڏيهي ملڪ کي اهو حق ڪيئن ملي سگهي ٿو ته هو پنهنجي فوجي طاقت ۽ جديد ترين هٿيار استعمال ڪري، ڪنهن ملڪ جون حدون لتاڙي، ان جي صدر کي اغوا ڪري پنهنجي ملڪ کڻي وڃي؟ اهو سڀ ڪجهه پنهنجي ملڪ جي خودمختيار ۽ طاقتور ادارن کان به اجازت وٺڻ بنا ڪيو وڃي؟ ڇا اهڙي عمل سان ڪانگريس ۽ سينيٽ جا سڀ اختيار بي معنيٰ ٿي نٿا وڃن؟ ڇا وائيٽ هائوس ۾ ويٺل امريڪي صدر واقعي پنهنجن سينٽي ملڪي ۽ بين الاقوامي قانونن کان مٿانهون سمجهيو ٿو وڃي؟ امريڪا جو صدر آخر ڪهڙي بنياد تي اهو چئي سگهي ٿو ته هاڻي وينزويلا جا معاملا امريڪا هلائيندو؟ ڪنهن زماني ۾ امريڪا پنهنجي جمهوري قدرن، انساني اخلاق، قانون جي بالادستي ۽ انصاف سبب سڄي دنيا ۾ سڃاتو ويندو هو. اهو پاڻ کي آزادي ۽ جمهوريت جو علمبردار سمجهندو هو پر افسوس جو 21هين صديءَ ۾ به 18هين ۽ 19هين صديءَ جا سامراجي طريقا وري نئين سر ورجايا پيا وڃن هي صورتحال تاريخ جي انهن ڪارن ورقن ڏانهن وٺي وڃي ٿي جتي 1857ع ۾ دهليءَ جي همايون جي مقبري تي آخري مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر کي انگريز قابض گرفتار ڪري بغاوت جا الزام هڻي ڪيس هلايا. پوءِ مارچ 1858ع ۾ کيس زوري اغوا ڪري رنگون منتقل ڪيو ويو. پاڻ کي مهذب ۽ متمدن سڏائيندڙ انگريز هجن يا امريڪي ڇا اُهي هر صديءَ ۾ اهڙي ئي نموني انسانيت جي توهين ڪندا رهندا؟ ڊانلڊ ٽرمپ ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿين ٿيون. منشيات جي اسمگلنگ به هلي رهي آهي پنهنجن ماڻهن تي ظلم به ڪيو وڃي ٿو. انهن سڀني معاملن لاءِ اقوام متحده، عالمي عدالتون ۽ بين الاقوامي ادارا موجود آهن پوءِ انهن جا دروازا ڇو نٿا کڙڪايا وڃن؟ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ڇا انهن عالمي ادارن مان انصاف ملڻ جي ڪا اميد نه هئي جو هن پاڻ ئي اهو قدم کنيو ۽ پنهنجي ئي ملڪ جي اڳوڻن صدرن، مورخن، دانشورن ۽ صدين جي علمي تحقيق کي مٽيءَ ۾ ملايو؟ ڇا يورپي يونين به اهڙي ئي خاموشي اختيار ڪري ويٺي رهندي؟ روس، چين ۽ ترڪي آخر ڪهڙي موقعي جي انتظار ۾ آهن؟ اهو به ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ته امريڪا سڀني کان ننڍين قومن سان اهڙو ئي رويو رکڻو آيو آهي افريڪا، ايشيا، ڏکڻ امريڪا ۽ وچ اوڀر ۾ امريڪي فوج ۽ ٽيٽو ڪهڙي تباهي نه مچائي آهي؟ ڇا ايران جي وزيراعظم مصدق سان ٿيل سلوڪ وساري سگهجي ٿو؟ ڇا پيٽرڪ لمبا اسان کي ياد ناهي؟ 1974ع جي اسلامي سربراهي ڪانفرنس جا شرڪاء ڪهڙي نموني صفحي هستيءَ تان مٽايا ويا؟ ڪانفرنس جو ميزبان ذوالفقار علي ڀٽو هجي مهمانن ۾ شاهه فيصل، انور سادات، شيخ مجيب الرحمن ۽ معمر قذافي اهي سڀ هڪ هڪ ڪري ڪيئن قتل ڪيا ويا؟ ان پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ته صدر نڪولس مادورو شايد خوش قسمت آهي جو هو اڃا زنده آهي ۽ سندس خلاف رڳو عدالت ۾ ڪيس هلي رهيو آهي اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو به هڪ جنگي ڏوهاري آهي ۽ عالمي عدالتون اڳ ئي کيس سزا جوڳو قرار ڏئي چڪيون آهن هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ڪو مسلم ملڪ ساڳئي نموني نيتن ياهو کي اغوا ڪري پنهنجي ملڪ کڻي اچي ۽ مٿس ڪيس هلائي ته ڇا امريڪا ۽ يورپي يونين به اهڙي ئي خاموشي سان اهو عمل برداشت ڪندا؟ يقينن نه. تاريخ بار بار للڪاري رهي آهي ته وينزويلا جي صدر ۽ سندس گهرواري جو اغوا 21هين صديءَ جو انتهائي خطرناڪ سانحو آهي جيڪو مستقبل لاءِ انتهائي خراب مثال قائم ڪري رهيو آهي هن معاملي تي اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل جو اجلاس ته سڏايو ويو آهي پر رڳو رسمي ڪارروائي ڪافي ناهي بلڪ فوري ۽ عملي قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن ان سان گڏ اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي جو اجلاس به فوري طور سڏايو وڃي ساڳئي وقت امريڪي ڪانگريس ۽ سينيٽ کي به گهرجي ته هو پنهنجي صدر جي هن قدم تي سخت احتساب ڪن گذارش اها به آهي ته اسلامي ملڪن جي تنظيم (او آءِ سي) به پرڏيهي وزيرن جو اجلاس طلب ڪري صورتحال جو سنجيدگي سان جائزو وٺي ڇاڪاڻ ته اسلامي ملڪ ايران کي به اهڙيون ئي ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن ۽ اتي حالتون پل پل خراب ٿينديون پيون وڃن پاڪستان کي به پنهنجي پارليامينٽ جو اجلاس طلب ڪرڻ گهرجي ڇو ته اسان جي پاڙيسري ملڪ ايران ۾ به اهڙي قسم جي مداخلت جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جيڪڏهن ايران ۾ اهڙو ڪو قدم کنيو ويو ته ان جا اثر سڌو سنئون پاڪستان تي به پوندا جيڪڏهن هن وقت هن ذاتي غيرقانوني ۽ جارحانه قدم خلاف آواز نه اٿاريو ويو، ته پوءِ ڀارت جو ڪشمير تي ناجائز قبضو ۽ اسرائيل جا فلسطينين تي ظلم به جائز سمجهيا ويندا ان سان وڏن ملڪن کي ننڍين قومن جي معاملن ۾ مداخلت جو کليل رستو ملي ويندو ۽ اقوام متحده جهڙو عالمي ادارو مڪمل طور مفلوج بڻجي رهجي ويندو.

معدني وسيلاءِ آمريڪا جون دنيا سان ڏاڍايون!

منظور ڪوسو

دنيا ۾ هلندڙ جنگين انسانيت کي تباهيءَ جي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. انسانيت جا آفاقي قدر، گڏيل قومن جون پاليسيون، انساني حقن جون عالمي تنظيمون، ڪوبه ادارو دنيا کي جنگين کان نجات ڏيارڻ ڪونه ٿو سگهي، سيئي انسان دوست ادارا سڏيا ويندڙ وڏين طاقتن خاص ڪري آمريڪا، برطانيه، فرانس ۽ انهن اتحادين جي اڳيان ڪاغذي حيثيت کان وڌيڪ ڪابه اهميت ڪونه ٿا رکن گڏيل قومن جو ادارو ته هر اهم مسئلي تي آمريڪا جي ويٽو جو منتظر هوندو آهي دنيا ۾ جتي به وافر مقدار ۾ توانائيءَ جا ذريعا موجود آهن اُتي ڪنهن نه ڪنهن بهاني آمريڪا سرڪار يا ٻيون وڏيون طاقتون جنگ ۾ لهي پون ٿيون، جيئن وينزويلا جو مثال اسان جي سامهون آهي، دنيا ۾ جنگين جي تاريخ جو بُري ۾ بُرو مثال ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿيندو ته سرعام هڪ ملڪ جي صدر ۽ ان جي زال کي بطور طاقت اغوا ڪيو وڃي، دنيا جو ڪهڙو قانون گڏيل قومن جي ڪهڙي پيرا ان دهشتگرديءَ جي اجازت ڏئي ٿي. گڏيل قومون ۽ عالمي عدالت جهڙا ادارا موجود آهن. پوءِ به دنيا ۾ هن قسم جا واقعات نهايت ئي شرم جوڳا آهن، جنهن کي روڪڻ لاءِ ڪوبه ادارو سامهون ڪونه ٿو اچي 'العربيه' جي هڪ رپورٽ موجب وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو تي آمريڪي چڙهائي جو مقصد 303 ارب بيرل تيل جا ذخيرا، 75 ڊالر في بيرل جي قيمت جي حساب سان ٽوٽل ماليت 22 ٽريلين ڊالر کان به وڌيڪ ٿي ٿي. وينزويلا وٽ 6.3 ٽريلين مڪعب ميٽر کان به وڌيڪ قدرتي گئس آهي، معدني ذخيرن جي حساب سان هيءُ ملڪ ٽاپ 10 ملڪن ۾ شامل ٿئي ٿو. لاطيني آمريڪا جي ملڪن مان سڀ کان وڏي سون جي پٽي وينزويلا وٽ آهي. ثابت ٿيل سروي موجب 8 هزار ٽن سون جنهن جي عالمي مارڪيٽ ۾ ماليت 500 ارب ڊالر کان به وڌيڪ آهي وينزويلا وٽ اهڙي معدني دولت به موجود آهي، جنهن جو عالمي صنعتي معيشيت ۾ هڪ اهم ۽ وڏو ڪردار موجود آهي، جيئن لوهه، ايلومينيم، ڪولٽان (اليڪٽرانڪس جي صنعت جي لاءِ نهايت اهم)، ٽڪل، فاسفيٽ ۽ زراعت ۾ به هو خودڪفيل آهي غزه جي لڪين ماڻهن جو بيقصور خون اڃان آمريڪا جي واڇن مان ريلا ڪري ٿو وهي ته وري هُو نوان جنگي منصوبا جوڙڻ لڳو آهي. وينزويلا کانپوءِ آمريڪا جي نظر کيوبا تي آهي. ايران ۾ مداخلت عرب ملڪن جي دولت تي جنگيون وڙهڻ ۽ انهن کي هٿيار وڪرو ڪرڻ کانپوءِ هاڻي وري انهن کي جنگ جي باهه ۾ اڇلائي تماشو ڏسڻ جي ڪوشش پيو ڪري، روس ۽ يوڪرين جي جنگ ۾ ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان مان ڪنهن به ريت آمريڪا ۽ انهن جي اتحادين کي بري الذمه قرار نه ٿو ڏئي سگهجي آمريڪا ۽ يوڪرين جي وچ ۾ يوڪرين جي ناياب معدني ذخيرن جو معاهدو ۽ آمريڪا جو جنگ ۾ يوڪرين کي مڪمل سپورٽ ڪرڻ جو مقصد ئي هن جنگ ۾ يوڪرين جي دولت هٿيائڻ هو. فنانشل ٽائيمز جي هڪ رپورٽ موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ يوڪريني صدر زيلينسڪي کان 500 ارب ڊالر جي آمدني جي گهُر ڪئي، جنهن کان يوڪرين جي صدر انڪار ڪيو هن چيو ته مان اهڙو ڪوبه معاهدو ڪونه ڪندس جنهن سان منهنجا ڏهه نسل لوڙهيندا رهن. يوڪرين جي اهم معدني دولت جو ڪاٿو تقريبن 12 کرب پائونڊ کان به وڌيڪ آهي ليٿيم، ٽائيٽينيم، نيوڊيميم، اربيم، يٽريم جهڙيون معدنيات جيڪي جديد صنعتي ضرورتن جي لاءِ اهم ترين آهن تن جا يوڪرين وٽ وافر ذريعا موجود آهن. يعني جتي به جديد صنعتن ۾ استعمال لاءِ اهم شيون موجود آهن اتي عالمي چوڌري جي جنگ آهي ۽ عالمي ادارا بيوس آهن ۽ اها بيوسي هڪ ڏينهن دنيا ۾ وڏي تباهي آڻيندي. روسي ذريعن موجب هن وقت تائين پنج لک ڏهه هزار يوڪريني فوجي ماريا يا زخمي ڪيا ويا آهن ۽ ٻيو بي انداز نقصان تنهن ڪانسواءِ آهي! جيڪڏهن اهي جنگيون ائين هلنديون رهيون يا ته دنيا کي هڪ تمام وڏي تباهي سان منهن ڏيڻو پوندو يا دنيا جي امن پسند ملڪن کي هڪ ٽيبل تي ويهي ڪو حل ڪڍڻو پوندو. نه ته بي صورت ۾ ڪنهن جو به مشرق کان مغرب تائين محفوظ رهڻ مشڪل ڇا پر ناممڪن آهي.

عورتن جي بااختيار ٿيڻ لاءِ هڪ نئين سوچ!

غلام فاروق

سنڌي سماج ۾ عورتن جي معاشي خودمختياري هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو نه صرف عام ماڻهوءَ جي سطح تي تبديلي آڻي سگهي ٿو پر پوري معاشري کي ترقيءَ جي نئين راهه تي وٺي وڃي سگهي ٿو چوڻي آهي ته ”ڪنهن کي مڇي ڏيڻ کان بهتر آهي ته ان کي مڇي پڪڙڻ سيکاريو“ ان چوڻيءَ جو مطلب آهي ته مستقل مدد جي بدران ماڻهوءَ کي اهڙو هنر سيکاريو جو هو پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي اهڙي طرح معاشرو بادشاهيءَ جي راهه اختيار ڪري سگهي ٿو جيئن وڏڙن پاران چيو ويو آهي ته ”هنر بادشاهه آهي“ اڄڪلهه جي دور ۾، خاص طور تي سنڌ ۾ غربت ۽ بيروزگاريءَ جا مسئلا تمام گهڻو وڌي ويا آهن اهڙي سوچ کي عملي جامو پهرائڻ جي سخت ضرورت آهي خاص طور تي عورتن لاءِ، جيڪي سماج جو اهم حصو آهن پر اڪثر معاشي طور تي محتاج بڻيل آهن ان حوالي سان سنڌ حڪومت پاران هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) نهايت ئي سازاهه جوڳو قدم آهي اهو پروگرام 2008ع کان هلندڙ آهي ۽ ان جو مقصد غريب خاندانن خاص طور تي عورتن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن اهي پنهنجي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن هن پروگرام تحت لکين عورتن کي هر مهيني مالي امداد ملندي آهي جيڪا انهن کي مالي ٽيڪ فراهم ڪري ٿي پر هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ان پروگرام مان اسان جي سماج کي مستقل فائدا حاصل ٿيا آهن؟ ڇا اهو صرف عارضي راحت فراهم ڪري رهيو آهي يا سماجي تبديليءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي؟ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي فائدن تي نظر وجهون ٿا ته اهو واضح ٿئي ٿو ته ان پروگرام غريب عورتن جي زندگيءَ ۾ فوري طور تي مثبت اثر وڌو آهي مثال جي طور تي اهو عورتن کي مالي خودمختياريءَ جو احساس ڏياري ٿو، چو ته امداد سڌو سنئون عورتن جي هٿن ۾ پهچندي آهي ان سان عورتن جو سماجي حيثيت ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ خاندانن ۾ فيصلا سازيءَ ۾ انهن جو ڪردار وڌيو آهي هن پروگرام سان خاص طور تي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي آئي آهي ٻارن جي تعليم ۽ صحت تي پڻ مثبت اثر پيو آهي چو ته امداد جو هڪ حصو انهن شعبن تي خرچ ٿئي ٿو پر اهو پڻ سچ آهي ته اهو پروگرام هڪ مستقل نه پر اهو عارضي حل آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي محتاج رکي ٿو جيڪڏهن امداد بند ٿي وڃي ته عورتون وري غربت جي چڪر ۾ ڦاسجي وينديون اسان جي سماج ۾، خاص طور تي سنڌ ۾ تعليم جي شرح تمام گهٽ آهي ۽ روزگار جا موقعا محدود آهن اهڙي امداد صرف عارضي ٽيڪ فراهم ڪري ٿي هاڻي سوچڻ جو وقت آهي ته اسان انڪم (مالي) سپورٽ جي بدران ٽيڪ (ٽيڪنيڪل) سپورٽ تي ڌيان ڏيون سنڌ جي ڳوٺاڻين عورتن ۾ قدرتي طور تي غير معمولي مهارتون موجود آهن جهڙوڪ رليون ٺاهڻ اجرڪ جي ڇپائي ڪپڙن جي سلائي ڀرت ڀرڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ مهارت رکن ٿيون پر ضرورت صرف رهنمائي يا تربيت ڏيڻ جي آهي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ عورتن جي مهارتن جو جائزو وٺون ته معلوم ٿئي ٿو ته اهي قدرتي طور تي دستڪاريءَ ۾ ماهر آهن

مثال طور حيدرآباد، ٿرپارڪر، سانگهڙ، دادو ۽ ٻين ضلعن ۾ عورتون روايتي طور تي رليون، چادرون، ٽوپيون ۽ ٻيو لباس وغيره تيار ڪنديون آهن پر اهي شيون مقامي مارڪيٽ تائين محدود بڻيل آهن جيڪڏهن اسان انهن کي پرڏيهي معيار مطابق تربيت ڏيون ته اهي شيون يورپ، آمريڪا ۽ وچ اوڀر جي ملڪن ۾ وڪرو ٿي سگهن ٿيون جنهن سان نه صرف عورتن جي آمدني وڌندي پر ملڪي ايڪسپورٽ ۾ پڻ اضافو ٿيندو حڪومت کي گهرجي ته ڳوٺن اندر هنر جا مرڪز کوليا وڃن اهي مرڪز جديد مشينريءَ سان ليس هجن ۽ ماهر استاد موجود هجن غير تعليم يافته عورتن لاءِ اهڙا هنرجوئيندڙ گهرجن جيڪي آسان هجن ۽ جلد سکجي سگهجن جهڙوڪ سلائي ۽ ڀرت سنڌ جي عورتن ۾ اهو هنر قدرتي طور تي موجود آهي انهن کي جديد ڊزائين سيکاريا وڃن ته جيئن اهي فيشن انڊسٽريءَ لاءِ شيون تيار ڪري سگهن مثال طور روايتي اجرڪ ۽ بلوچي ڀرت کي جديد ٽچ سان مارڪيٽ ۾ آڻي سگهجي ٿو رليون ۽ چادرون ٺاهڻ اهو هڪ روايتي هنر آهي جيڪو پرڏيهي سياحن کي پسند آهي تربيت سان انهن کي آرگنڪ مواد استعمال ڪرڻ سيکاريو وڃي ته جيئن ايڪو فرينڊلي پراڊڪٽس تيار ٿين ان کان علاوه سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ مٽيءَ جا ٿانو ۽ آرٽ پيسيس ٺاهڻ جو رواج آهي انهن کي جديد ڊزائين ۽ گليزنگ سيکاريا وڃن ته جيئن اهي شيون آرٽ گيلريز ۾ وڪرو ٿين صابڻ ۽ لوڻ جو ڪم قدرتي مواد مان صابڻ لوڻ ۽ بيوٽي پراڊڪٽس ٺاهڻ اهو آسان آهي ۽ گهر ۾ ئي شروع ٿي سگهي ٿو فوڊ پريزرويشن جام، اچار ۽ خشڪ ميوا تيار ڪرڻ انهن کي پيڪيجنگ ۽ مارڪيٽنگ سيکاريا وڃن ته جيئن اهي پراڊڪٽس شهري مارڪيٽن تائين پهچن منهنجي صلاح آهي ته انهن هنرن سان گڏ عورتن کي بنيادي ڊجيٽل مهارتون پڻ سيکاريون وڃن جهڙوڪ موبائيل فون ذريعي آن لائين وڪرو جيئن ٽيڪ اهي غير تعليم يافتا آهن پر سادي اپيس جهڙوڪ فيسبڪ مارڪيٽ يا اوليڪس استعمال ڪرڻ سکي سگهن ٿيون ان سان انهن جون شيون مقامي کان عالمي مارڪيٽ تائين پهچي سگهن ٿيون ان حوالي سان حڪومت کي گهرجي ته انهن مرڪزن ۾ مائڪرو فنانسنگ جو انتظام ڪيو وڃي يعني ننڍا قرض فراهم ڪيا وڃن ته جيئن عورتون پنهنجو ننڍو ڪاروبار شروع ڪري سگهن اهڙي پروگرام جي فائدن تي غور ڪيون ته اهو واضح ٿئي ٿو ته اهو سماجي ۽ معاشي طور تي انقلابي ثابت ٿي سگهي ٿو پهريون، عورتن جي خود اعتمادي وڌندي جڏهن هوءَ پنهنجي هٿن سان شيون ٺاهي وڪرو ڪندي ته ان کي ملي آزادي ملندي ٻيو، خاندانن جي معيشت بهتر ٿيندي، چو ته عورتون گهر ۾ رهي ڪمائي سگهن ٿيون، ٽيون، سنڌ جي روايتي ثقافت کي فروغ ملندو ۽ ايڪسپورٽ سان پرڏيهي ناڻو ايندو، جيڪو صوبي جي ترقيءَ لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿو چوٿون، اهو غربت جي خاتمي جو مستقل حل آهي چو ته مهارتون زندگيءَ جو سات ڏين ٿيون پر اهڙي پروگرام کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪجهه مشڪلاتن کي پڻ منهن ڏيڻو پوندو مثال طور ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ رسائيءَ جو مسئلو عورتن تي لاڳو سماجي پابنديون ۽ تربيتي وسيلن جي کوٽ سنڌ جي تاريخ ۾ عورتن جو ڪردار هميشه اهم رهيو آهي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ عورتن کي بااختيار طور پيش ڪيو ويو آهي اڄ جي دور جو مطالبو آهي ته اسان عورتن کي صرف امداد نه پر مهارتون سيکاريون، جيڪڏهن اسان اهڙو قدم کڻنداسين ته سنڌ جو معاشرو ترقيءَ جي نئين دور ۾ داخل ٿيندو اهڙي پروگرام جي ڪاميابيءَ جا مثال دنيا ۾ موجود آهن مثال طور، بنگلاديش ۾ گرامين بئنڪ جو ماڊل جتي عورتن کي مائڪرو قرض ۽ تربيت سان بااختيار بڻايو ويو آهي اهڙي طرح ڀارت جي سيلف هيلپ گروپس عورتن کي هنرسيکاري معاشي طور تي مضبوط بڻايو آهي سنڌ ۾ پڻ اهڙا پروگرام شروع ڪيا وڃن ٿا ته انهيءَ جا واضح نتيجا نظر ايندا

(ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايچ ڊي ريسرچ اسڪالر يونيورسٽي آف يوٽيمارڪوني اٽلي ۽ ايڊيشنل (Artificial Intelligence) ڊائريڪٽر اي آءِ ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

اڄوڪو ڏينهن 11 جنوري

مختيار اثر

مختيار اثر

ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هن لڏيانه هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان 1942ع ۾ پاس ڪيو هن 1946ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1953ع ۾ اردو ادب ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي هو پنهنجي دور جو برڪ ليکڪ، شاعر ۽ ڪالم نگار هو سندس غزل ”انشا جي اٿو اب ڪوچ ڪرو، اس شهر ۾ جي ڪو لڳانا ڪيا“ اڄ به سڄي ننڍي کنڊ ۾ مشهور آهي سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ چاند نگر ۽ اس بستي کي اڪ ڪوچي ۾ شامل آهن هن جا طنز ۽ مزاح جا 6 ڪتاب ۽ پنج سفرناما ڇپيل آهن هن جيئني جرمن ۽ انگريزي ٻوليءَ مان به شاعري ۽ ڪهاڻيون اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا. ابن انشا جي وفات 11 جنوري 1978ع ۾ لنڊن ۾ ٿي پاڪستان سرڪار سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور 1978ع ۾ سندس لاءِ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي جو اعلان ڪيو

سيد خادم حسين شاهه

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيت سيد خادم حسين شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي سندس جنم 11 جنوري 1932ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. مئٽرڪ جو امتحان 1954ع ۾ پائليٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين بي اي ۽ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان ترتيبوار 1958ع ۽ 1971ع ۾ حاصل ڪيائين هن سياست جي شروعات خاڪسار تحريڪ جي ميمبر جي حيثيت سان ڪئي ان بعد پاڪستان مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ آخر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حصو رهيو. 1973ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر قائم ڪيائين ۽ پاڻ ئي ان جو پهريون ريجنل ڊائريڪٽر مقرر ٿيو پاڻ سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻي جو ڊائريڪٽر جنرل پڻ رهيو هن پير علي گوهر شاهه اصغر جي سوانح ۽ شاعريءَ جا به ڪتاب ”سوانح اصغر“ ۽ ”ديوان اصغر“ مرتب ڪيا. 13 سيپٽمبر 1982ع تي وفات ڪيائين

[...] آخوند

ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مولوي احمد آخوند بن عبدالعليم هالائيءَ کان فارسي اردو ۽ ديني تعليم جي تڪميل ڪيائين عربيءَ جي بنيادي تعليم حاجي حڪيم قاضي سيد اسد الله شاهه فدائيءَ کان حاصل ڪيائين جيڪو ڪيترن ئي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو مصنف هو هن حق جي راهه ۾ هندستان جي مختلف علائقن سميت ڪيترن ئي عرب ملڪن جو سفر ڪيو. ڪربلا معليٰ جي زيارت سان گڏ حج جي سعادت به حاصل ڪيائين هو شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، آخوند لطف الله لطف، آخوند محمد قاسم هالائي سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ۽ ميمڻ محمد هاشم مخلص جو خاص صحبتي هو غلام محمد شاهه گدا پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو جيتوڻيڪ هن جي شاعريءَ جو وڏو حصو غزلن تي مشتمل آهي پر ساڳئي وقت قصيدا، مثنويون، قطعا، مستزاد ۽ نعتون به لکيون اٿس سندس ڪلام ”ڪليات گدا“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو سنڌ جي هن ناميارو شاعر 4 ذوالقعد 1322هه مطابق 11 جنوري 1905ع تي وفات ڪئي

حڪيم بصرالدين صديقي سيوهاڻي

حڪيم بصرالدين صديقي پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم هو سندس جنم 1282هه مطابق 1865ع ۾ سيوهڻ شريف ۾ ٿيو سندس والد جو نالو مخدوم احمد هو جيڪو سندس ولادت کان اڳ حج تان موٽندي وفات ڪري ويو ابتدائي سنڌي، عربي ۽ فارسي تعليم پنهنجي ڏاڏي کان حاصل ڪيائين وڌيڪ تعليم مخدوم حسن الله پاٽائيءَ کان حاصل ڪيائين بمبئي يونيورسٽيءَ مان انگريزي تعليم حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو روينيو کاتي جو مختيارڪار ٿي ڪم ڪيائين پر پوءِ انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏئي حڪمت طرف ڌيان ڏنائين حڪمت سان گڏ کيس اسلامي توڙي مغربي علمن تي ملڪو حاصل هو انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪئين سو شعر لکيائين فلسفي تي لکيل سندس ڪتاب ”البصائر“ سندس علمي قابليت جو چٽو اهڃاڻ آهي هو علم جعفر، نجوم ۽ ڪيميا جو به وڏو ڄاڻو هو سندس شمار سنڌ جي انتهائي قابل حڪيمن ۾ ٿيندو هو ڪوڙهه گُردي جي سور ۽ ٻين بيمارين جي علاج جو ماهر هو سنڌ ۽ بلوچستان جا هزارين مريض سندس دوائن سان شفاياب ٿيا هن عربي فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا سنڌيءَ ۾ شاعري به ڪيائين سنڌ جي هن انمول

پون سنڌي



پون سنڌي هڪ سهڻو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ترجمي نگار آهي، جيڪو 11 جنوري 1954ع تي جئرام داس لهاڻي جي گهر ۾ ڄائو. پون سنڌيءَ جو اصل نالو پونداس آهي هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي ابائي شهر ٽنڊو باگو مان حاصل ڪئي انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد جي مسلم سائنس ڪاليج مان پاس ڪيائين ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي (ڪيمسٽري) ۽ ايم اي (اقتصاديات) جون سندون حاصل ڪيائين حيدرآباد لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند به حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو وڪالت ڪيائين پر پوءِ وڪالت ڇڏي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو مختلف ڪاليجن ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي 2014ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. نوڪريءَ دوران استادن جي تنظيم سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچررس ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين پون سنڌيءَ جو شمار سنڌ جي ناليوارن ڪهاڻيڪارن ۽ شاعرن ۾ ٿئي ٿو هن 100 کان وڌيڪ ڪهاڻيون مختلف ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون آهن سندس ڪتابن ۾ درد بنيو دلربا، گوري، گهاگهر ۽ گوٽ، محبت ماريا ماڻهو، ستارن پويان بوڙيندڙ شخص، سنڌري سپنا ۽ صليب، هيڙا مانجهي مرڻا ناهن اگهاڙپ جو فلسفو ۽ پراڻو قرض شامل آهن

مخدوم محمد زمان طالب المولى

اڄ سروري جماعت جي روحاني پيشوا، نامور شاعر، اديب ۽ سياستدان مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي مخدوم صاحب جي ولادت باسعادت 9 محرم 1338هه مطابق 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ ٿي ڪجهه ڪتابن ۾ سندن جنم جي تاريخ 16 سيپٽمبر 1919ع لکيل آهي ان وقت جي دستور مطابق پاڻ قرآن شريف، سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف عالمن ۽ استادن وٽ حاصل ڪيائون. پنهنجي والد مخدوم غلام محمد ۽ چاچي مخدوم غلام حيدر جي وفات کان پوءِ سروري جماعت جا سجاده نشين ٿيا. پاڻ 1940ع واري ڏهاڪي ۾ سياست ۾ پير پاتائون. 1940ع واري ڏهاڪي کان 1960ع تائين چار ڀيرا ميونسپل ڪاميٽيءَ جا چيئرمين ۽ 1960ع ۾ بلديه هالا جا پهريان چيئرمين منتخب ٿيا. قومي سياست جي شروعات 1953ع ۾ ڪيائون ۽ ان ئي سال سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا. 1962ع ۽ 1965ع ۾ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا. 1967ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو

ڪيائون. پاڻ ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو بنياد رکيائون، جن ۾ انجمن علم وادب، جميعت الشعراء ۽ بزم طالب المولىٰ شامل آهن. سندس ڪافيون ۽ ڪلام اڄ به سموري سنڌ ۾ مشهور آهن. زونا ليليٰ، حسين بخش خادم، مصري فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي راڳين کي مخدوم صاحب جون ڪافيون ۽ ڪلام ڳائڻ سبب شهرت ملي. مخدوم صاحب 25 کان وڌيڪ ڪتاب تصنيف ڪيا. پاڻ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر نامزد ٿيا، ان بعد به ٽي ڀيرا انهيءَ بورڊ جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنائون. 1962ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس حيدرآباد ۾ هئي انهيءَ عرصي دوران مخدوم صاحب پهرين پنهنجو ڳلڻو ڪاتي وارو ذاتي گهر ”امين منزل“ ۽ بعد ۾ سول لائنس وارو بنگلو بنا مسواڙ جي سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو سنڌ جو هي عظيم انسان 11 جنوري 1993ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

عبدالحميد جتوئي

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مثالي سياستدان عبدالحميد جتوئيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هي سنڌ اسيمبليءَ جي انهن ڇئن سنڌي ميمبرن مان هڪ هو، جن ون يونٽ واري بل جي خلاف ووٽ ڏنو هو هن ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو 4 مارچ 1967ع واري مشهور شاگرد احتجاج ۾ جيڪي شاگرد گرفتار ٿيا تن جو ضامن پيو هڪ تقريب ۾ ان واقعي جو نميوار سنڌ جو ڪمشنر مسرور احسن سائنس هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته کيس جيائين ته پري ٿي تون اسانجي ٻچن جو قاتل آهين 1970ع واري ڏهاڪي ۾ شيخ مجيب الرحمان جي ڇهه نُڪاتي پروگرام جي حمايت ڪيائين ۽ 1973ع واري آئين جي مخالفت ڪيائين 1988ع ۾ جي ايم سيد سان گڏجي سنڌ قومي اتحاد ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين جڏهن ٽوڙهي ڦاٽڪ ڪيس جي شاگردن کي سزائون ڏيڻ جون تياريون ڪيون ويون ته هن قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته ”جيڪڏهن اسان جي ٻچن کي ڪابه انتهائي سزا ڏني وئي ته پنهنجي پيءُ جا حلالي پٽ هونداسين ته وري توهان جي اسيمبلين ۾ نه اينداسين“ هن مرڻ گهڙيءَ تائين ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي به مخالفت ڪئي سنڌ جي هن عظيم سياستدان جو جنم 1922ع ڌاري ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ ڀيٽو جتوئيءَ ۾ ٿيو 1940ع واري ڏهاڪي ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سياست جي ميدان ۾ پير پاتائين 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو 1970ع، 1985ع ۽

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم قاضي احمد
CrM.A No. /2026
فيملي سوٽ نمبر 614 سال 2025

سڪندر علي پٽ حاجي مينهون جيسر مسلم بالغ رهندڙ خانپور ضلعو دادو...ايپليڪينٽ...خلاف: دي اسٽيٽ.... آپونينٽس. ڪارروائي نمبر07 سال 2026، يو/ايس 550 سي آر پي سي، پي ايس: قاضي احمد

پبلڪ ايٽ لارج:

جڏهن ته مٿي ڄاڻايل درخواست ڏيندڙ سيڪشن 516 سي آر پي سي تحت عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي پنهنجي ملڪيت يعني ٽرڪ رجسٽريشن نمبرJU-0841 ماڊل 1987 انجڻ نمبر J50-00297 چيسس نمبر60155 کي وصول ڪرڻ لاءِ، جيڪا مٿي ذڪر ڪيل ڪاروائي ۾ قاضي احمد جي پوليس هٿ ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج جي ايم قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 545 سال 2025

مسمات حسنا ڌيءَ محمد يوسف قريشي مسلم بالغ رهندڙ سانگهڙ روڊ ويجهو پي ايس او پمپ نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد...پلينٽف...خلاف: عبدالمجيد پٽ عبدالحميد شيخ مسلم بالغ رهندڙ صرافا بازار سونار گهٽي ويجهو ريشم گهٽي حيدرآباد ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبر 71 سال 2025
ان فيملي سوٽ نمبر 448 سال 2023

مسمات گلزادي ڌيءَ شاهنواز خاصخيلي رهندڙ خدا جي بستي ڪالوني ويجهو سوئي گيس اسٽاپ سانگهڙ روڊ نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: حاڪم علي پٽ الهه بچايو خاصخيلي رهندڙ رشيد آباد ديهه سٽيارو پير اسٽاپ تعلقو سڪرنڊ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/ايس فيملي ڪورٽ ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 127 سال 2025

رضا خان ولد محمد يعقوب خان رهندڙ گهر نمبر 1434 شاهه ولي الله روڊ وال ڪٽ تعلقو ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: مسمات ليليٰ زال رضا خان ڌيءَ عبدالغفور رهندڙ محلا خان هائوس ڪريم اباد ڪالوني ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ريسٽيٽيوشن آف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

بقايا 1 حادثو پيش

پنهنجي مڙس يوسف ڪلو سان موٽرسائيڪل تي ڪنڊيارو کان پنهنجي ڳوٺ صالح ڪلو وڃي رهيا هيا ته قومي شاهراهه تي ساڻن حادثو پيش آيو جنهن سبب عورت فوت ٿي وئي هوڏانهن فوتي عورت جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو ياد رهي ته قومي شاهراهه تي هلندڙ مرامتي ڪم سبب انساني جانين جو نقصان معمول بنجي ويو آهي جنهن خلاف ڪوبه قدم نٿو کنيو وڃي جنهن ڪري حادثا معمول بنيل آهن

بقايا 2 مظاهرو

سيڪريٽري جنرل جمعيت علماءِ اسلام ضلع سکر ڪئي. مقررن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ضلعي سکر ۾ بدامني، لاقانونيت، قتل و غارتگري، ڦرون چوريون ۽ اسٽريٽ ڪرائيم خطرناڪ حد تائين وڌي چڪا آهن جڏهن ته ڌوهن جي اغوائي روڪٿام ۽ ڦريل مال جي ريڪوري نه ٿيڻ سبب عوام سخت خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهي هنن وڌيڪ چيو ته امن امان جي مڪمل بحالي تائين امن بحال ڪريو تحريڪ جاري رهندي ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز بلند ڪئي ويندي.ان موقعي تي مولانا علي اڪبر عباسي، مولانا مفتي ذبيح الله جتوئي، مولانا عبدالستار قاضي، مولانا سيف الله سمائي، مولانا علامه اظهر الحسن حسيني سميت ٻيا معزز علماءِ ڪرام پڻ شريڪ هئا. آخر ۾ شرڪت ڪندڙن امن امان جي بحالي لاءِ گڏيل جدوجهد جو عزم ورجايو

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

بروهي نوجوان اتحاد جي ارشاد لنڊ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڪوسڪي ٿاڻي جي اهلڪارن منشيات خلاف خبرون هلائڻ تي صحافي آفتاب بلوچ ۽ ٻن رڪشا ڊرائيورن کي گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو اهي جيڪو افسوسناڪ عمل آهي هنن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته صحافي ۽ پورهيتن کي بنا جواز گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻائيندڙ اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 4 جو اعلان

جنرل ايگريڪلچر سنڌ، خدابخش ڪلوڙ ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل ايگريڪلچر ايسٽينشن سنڌ، ڊاڪٽر ابرار شيخ ڊائريڪٽر آئل سيڊ ريسرچ سنڌ ٽنڊو ڄام، محمد سليم جوکيو ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايسٽينشن ٽنڊو سجاول ، وقاص احمد صديقي ڊپٽي ڊائريڪٽر سجاول شرڪت ڪندي هارين کي آگاهي ڏيندي چيو ته سنڌ جي هارين لاءِ ٻج خريد ڪرڻ تي حڪومت طرفان سبسڊي فراهم ڪئي ويندي سنڌ جي هارين کي ٻيج لاءِ في ايڪڙ 5000 روپيا ڏنا ويندا سيڊ ڊرلر ۽ سن فلاور ٿريشر 50٪ سبسڊي ريٽ تي فراهم ڪيا ويندا. رجسٽرڊ هارين کي حڪومت طرفان فني تربيت جا سيشن ڪرايا ويندا.ايندڙ وقت ۾ آئل سيڊ هارين لاءِ ٻيا به فائدا سنڌ حڪومت طرفان اعلان ڪيا ويندا.رجسٽريشن جلد ئي ايگريڪلچر ايڪسٽنشن ڊپارٽمينٽ طرفان شروع ڪئي ويندي

بقايا 5 جي ڦرلٽ

ته زال جي هٿن ۾ پاتل سون جا ڪنگڻ به لاهي ويا. هن جو چوڻ هو ته واقعي دوران زال ۽ والده کي به يرغمال بڻائي رکيو ويو جنهن سبب گهر ڀاتي سخت خوف ۽ دهشت جو شڪار رهيا. پوليس موجب واردات کان پوءِ واقعي واري هنڌ تان ڌوهارين جون چپلون هٿ آيون آهن جيڪي ثبوت طور تحويل ۾ ورتيون ويون آهن لڪيدر ٿاڻي جي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ دعويٰ ڪئي آهي ته ڌوهارين کي جلد گرفتار ڪيو ويندو شهرين شهر ۾ وڌندڙ ڏوهن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته پوليس گشت وڌايو وڃي ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف سخت ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي، ته جيئن شهرين کي تحفظ ملي سگهي

بقايا 6 سامان ٻهاري ويا

دڪاندار طرفان واقعي جو اطلاع لاڳاپيل پوليس کي ڏنو ويو آهي جڏهن ته شهري علائقي ۾ وڌندڙ چورين خلاف فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهن

بقايا 7 ڪانفرنس

اسڪول جي استادن ۽ شاگردن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي سنڌ جي

بقايا 31 مالڪ حوالي

ڳالهائيندي چيو ته مسلسل هڪ هفتي کان بااثر عبدالرحمان ڪيريو زرعي زمين تي قبضو ڪري هٿيارٻند ويهاري ڇڏيا ۽ هاريو ڪندڙ پورهيتن سميت سندن عورتن ۽ ٻارڙن کي پڻ يرغمال بڻائي رکيو پوليس پاران حڪمت عملي جوڙي رات دير سان

بقايا 37 ملهائي ويندي

SABS University of Art, Design and Heritages Jamshoro

The In-charge HR Shahood Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshore, near the Old East Toll Plaza, M9- Motorway Jamshore
registrar@sabsu.edu.pk | www.sabsu.edu.pk | careers.sabsu.edu.pk | Phone: +92-222-9213601, -92-22-9213613

SITUATIONS VACANT

Fresh applications are invited for different positions (as under) from the eligible candidates having domicile of Sindh with paid challan of Rs. 5000/-(non-refundable) as processing fee in favor of the Director Finance, Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro. Applications should reach the university by the due date after the advertisement is published in the newspaper. Applicants must apply through official website www.sabsu.edu.pk/career.

NON-TEACHING POSITIONS

S. No.	Name of Post and BPS	No. of Posts	Age Limit	Qualification and Experience
01	Registrar (BPS-20) (Tenure Post)	01	55 Years	Master's degree (18 Year), preferably in first class, or equivalent qualifications and 17 years administrative experience in posts equivalent to BPS-17 and above at university level and should be conversant with university Rules & Regulations.
02	Director ORIC (BPS-20)	01	55 Years	Ph.D. from HEC recognized University/institution with minimum 17 years relevant experience of university or educational institution.

Terms and Conditions.

- The initial appointment will be made on a purely contractual and tenure track basis for the period of 3 years.
- The domicile condition for all the positions will be Sindh province.
- Candidates serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channel accompanied by NOC from the employer and will be responsible for getting themselves relieved properly from their parent departments.
- Degrees certificate should be HEC attested along with equivalence certificate of 18 years is education must be submitted.
- Candidates applying for more than one post should submit a separate application form for each post, along with a separate bank challan and the necessary documents.
- Incomplete applications without attested copies of educational, professional and experience certificates, and without the paid challan will not be considered.
- Applications received after the specified date shall not be entertained. The envelope should be clearly marked with the post applied for.
- The University reserves the right to increase, decrease, or withdraw any advertised position(s) or all positions as a whole, without assigning any reason.
- Only short-listed candidates will be called for a test/interview.
- The deadline for submitting applications is **Friday, 30th January 2026.**
- No TA/DA will be admissible for appearing at the interview/written test.
- Applications should be submitted through courier within the due date after the advertisement published in newspapers. Applications submitted in person/by hand or after the due date will not be considered.

Applications should be submitted to the following address

The In-charge HR
Shaheed Allah Buksh Soomro University of Art, Design and Heritages, Jamshoro,
Near the Old East Toll Plaza, M-9 Motorway, Jamshoro.
Phone: +92-222-9213601, +92-22-9213613 | Website: www.sabsu.edu.pk
Registrar (Acting) SABS University, Jamshoro.

PID-H-264/2025

ڪنڊيارو پرسان موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر جو ٽڪر سبب عورت فوت سندس مڙس زخمي

قومي شاهراهه تي تاج پمپ وٽ حادثي ۾ يوسف ڪلو ۽ سندس زال مسمات زرينه زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي مسمات زرينه زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي

فوتي عورت جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي روڄ راڙو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي تاج پمپ پرسان موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر جو ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ عورت ۽ مرد سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي اسپتال نيو ويو ته زخمي ٿيل عورت زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي جڏهن ته فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي کي تعلقا اسپتال آندو ويو جتي فوتي عورت جي سڃاڻپ مسمات زرينه ڪلو طور ٿي جڏهن ته زخمي يوسف ڪلو جو علاج جاري آهي پوليس موجب فوت ٿيل عورت مسمات زرينه بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: سوشيل هاءِ اسڪول جي اسيمبلشن وقت ورتل گروپ فوٽو

ڪنوينشن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان صحافي، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

سکر: جڏهن ته ملڪ جي مختلف ضلعن سکر خيرپور گهوٽڪي نوشهروفيروز شڪارپور لاڙڪاڻو جيڪب آباد، شهيد بينظير آباد سميت سنڌ جي مختلف ضلعن مان سينئر صحافي اڳواڻن...

اسلام آباد: اٺن جو هڪ وڳ شهر مان گذري رهيو آهي

دولتپور صفن لڳ شيخ برادري ۾ مبينا سڳاوتي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ٻار قتل، پيءُ ماءُ زخمي

ڳوٺ صوبدار جمالي واسي بادشاهه شيخ جي گهر تي حملو ڪري ڇهن هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ معصوم اڪرم مارجي ويو ۽ سندس امڙ شبانه بيبي ۽ پيءُ بادشاهه زخمي ٿي پيا

زخمين ۽ لاش کي اسپتال آندو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارث ڳوٺ ڪڻائي ويا

دولت پور صفن (رپورٽ جي ايم جوڻيجو) دولت پور پرسان پهچو ٿاڻي جي حد ڳوٺ صوبدار جمالي ۾ سڳاوتي تڪرار تان ڇهن هٿيارٻندن جو گهر تي حملو 16 مهينن جو معصوم ٻارڙو محمد اڪرم ولد بادشاهه خان شيخ قتل ٿي ويو ۽ سندس امڙ شبانه بي بي سخت زخمي ٿي پئي جن کي پهچو ٿاڻي جي پوليس شاهپورجهانيان اسپتال آندو ان موقعي تي معصوم ٻارڙي محمد اڪرم شيخ جي والد بادشاهه خان شيخ ۽ زخمي امڙ شبانه بي بي ميڊيا سان بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: شديد ڪوهيڙي سان ٽريفڪ گذري رهي آهي

خانپورمهر لڳ معصوم نينگريءَ پاڻي جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ سونو پٺاڻي ۾ 3 ورهين جي روزينه ڌي اشرف سومرو تلاءَ ۾ ڪري پئي

نينگريءَ کي وارثن ڪڍي اسپتال آندو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

خانپورمهر (ن ع) ننڍڙي روزينه ڌي اشرف سومرو کي تلاءَ مان ڪڍي فوري طور مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وارثن... بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شاعر خالد عرفان جي اعزاز ۾ شام ملهائي وئي، اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت

ٽنڊوآدم (ن ع) حلقا فروغ ادب ٽنڊوآدم پاران عالمي شهرت رکندڙ شاعر خالد عرفان سان پريس ڪلب جي آڊيٽوريم هال ۾ هڪ شام ملهائي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان اردو ۽ سنڌي ٻولي... خصوصي مهمان غلام مرتضيٰ جوڻيجو چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوآدم هئا، بين معزز مهمانن ۾ پروفيسر ياد حسين شيخ (پرنسپل گورنمينٽ نيو علي ڳوٺ ڪاليج ٽنڊوآدم)، سرمد سلطان (واپڊا ريٽائرڊ)، راڻا مختار راجپوت صدر پريس ڪلب ٽنڊوآدم عاشق حسين ساند جنرل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ انتظاميا جو فرض هو ته واقعي بعد فورن ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ها

ڪيلاش جي قتل خلاف ٿرڻي بعد ڪيس داخل ٿيڻ افسوسناڪ آهي: عامر نواز وڙائچ

متاثر خاندان کي ڌرڻو هڻڻ بعد ڪيس داخل ڪرائڻ پيو جيڪو نظام تي وڏو سوالي نشان آهي

گولاڙچي (ت) ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ چيو آهي ته بيگناهه هاري ڪيلاش ڪولهي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ ڪانيو ٿرڻي بعد ڪيس داخل ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ آهي... بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دادو نادر خان جمالي جي جڙتو پوليس مقابلي جو ڪيس وزير ڪوئنٽس ورتو

ڊي آءِ جي حيدرآباد دادو پهتو 3 ايس ايڇ اوز ۽ 5 گرفتار عزيزن جا بيان رڪارڊ ڪيا

مقتول نادر خان جمالي جي وارثن جو پوليس انڪوائري رد، عدالتي جاچ جو مطالبو

دادو(ڊ-ر) دادو پوليس پاران 3 ڏينهن اڳ رئيس نادر خان جمالي کي ڪلهه جڙتو پوليس مقابلي ۾ قتل ڪرڻ وارو واقعو جو نوٽيس وزير سنڌ ضياءِ حسين لنجار نوٽيس وٺڻ بعد ڊي آءِ جي حيدرآباد دادو پهچي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش پيل آهي

پنوعاقل ۾ پرپاسي بدامني خلاف امن بحال تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين مولانا محمد صالح انڍڙ، حافظ عبدالحميد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

علائقي ۾ امن امان جي مڪمل بحالي تائين امن بحال ڪريو تحريڪ جاري رهندي: اڳواڻ

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ضلعي سکر ۾ امن امان جي خراب صورتحال خلاف امن بحال ڪريو تحريڪ جي بينر هيٺ پنهنجن احتجاجي مظاهرو تحصيل پنوعاقل جي يوسي سانگي شهر ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ عوام ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاجي مظاهري جي قيادت قائد سکر حضرت مولانا محمد صالح انڍڙ ۽ حافظ عبدالحميد مهر بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پريس جي آزاديءَ کي گهٽائڻ لاءِ نوان قانون ناهيا پيا وڃن: لالا اسد پٺاڻ

عوام کي گونگا ۽ ٻوڙا رکڻ لاءِ پابنديون لڳايون ويون آهن

پي ايف يو جي هڪ مسودو تيار ڪندي ۽ سياسي پارٽين ڏانهن موڪليندي

سکر: ڪنوينشن جو مقصد صحافين جي تحفظ سان لاڳاپيل مثبت ۽ اڳرائتي ترميمن لاءِ صلاح مشورن ۽ روشني ۾ ڏوس ۽ اڳرائتي تجويزون ۽ سفارشون تيار ڪرڻ هو ميڊيا سان لاڳاپيل موجوده قانون قاعدن ۽ ضابطن پريس جي آزادي درپيش ممڪن خطرن ۽ چئلينجن جعلي خبرن جي رجحان جي روڪٿام صحافين جي پيشه ورانه معاملن ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪيهرو واسي پ پ اڳواڻ سرفراز راڄڙ جو پٽ ڪار حادثي ۾ زخمي، اسپتال داخل

ڪيهرو (ن ع) مير حسن راڄڙ نوابشاهه کان حيدرآباد طرف ويندي رستي ۾ سندس ڪار حادثي جو شڪار ٿي وئي جنهن سبب ڪار مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي حادثي ۾ مير حسن راڄڙ کي معمولي سخت زخمي ۽ ٻانهن ۾ فريڪچر آيو حادثي کان فوراً پوءِ زخمي کي ويجهي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ذريعن موجب مير حسن راڄڙ جو علاج جاري رهيو بعد هاڻي ڪيس گهر منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس صحت اڳ کان بهتر بڻائي پئي وڃي

ڪوسڪي پوليس طرفان صحافي ۽ رڪشا ڊرائيورن تي تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي صدام بلوچ ۽ رڪشا ڊرائيور عنايت لنڊ تي تشدد ڪرڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو

صحافين ۽ نوجوان اتحاد جو ايس ايس پي بدين کان تشدد ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

بدين (ڊ ر) ڪوسڪي پوليس نوجوان صحافي ۽ ٻن رڪشا ڊرائيورن کي گرفتار ڪري تشدد ڪرڻ ڪانيو ڇڏي ڊنو شهرين ۽ صحافين جو احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب شادي لارج ۾ صحافي صدام بلوچ رڪشا ڊرائيور عنايت لنڊ عبدالرحيم لنڊ کي ڪوسڪي پوليس طرفان گرفتار ڪري تشدد ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي صحافي غلام رسول بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ نامياري پاڻي ماهر ۽ تاريخدان ايم. ايڇ. پنهور جي 100 هين سالگرهه پيٽا پيش

ايم. ايڇ. پنهور سنڌ جي تاريخ کي سائنسي بنيادن تي لکي غير معمولي ڪم ڪيو آهي: ڄامي چانڊيو

سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ايم. ايڇ. پنهور جون شاندار خدمتون تاريخ جو اڻمٽ ورثو آهن: پائي خان شر

تقريب ۾ پهرئين پاڻي ميلي ۾ حصو وٺندڙ ۽ اسٽال لڳائيندڙن شاگردن ۾ تحفا ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ جي نامياري زراعت آبپاشي جي ماهر ۽ مشهور تاريخدان ايم. ايڇ. پنهور جي 100 سالگرهه جي موقعي تي ايم. ايڇ. پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو ۾ سڄو سال تقريب ڪي ڳڏري. پروگرام جي شروعات شاهه عبداللطيف جي وائي سان ڪئي وئي جيڪا انو سولنگي ڳائي بڌائي. ان موقعي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ نيشنل آئل سيڊ اينهانسمينٽ پروگرام 2026 جو اعلان

ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ طرفان سجاول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو

سنڌ جي هارين لاءِ ٻج خريد ڪرڻ تي حڪومت طرفان سبسڊي فراهم ڪئي

سجاول (ڊ ر) ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ طرفان نيشنل آئل سيڊ اينهانسمينٽ پروگرام 2026 جو اعلان ڪيو ويو جيڪو وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت جي باهمي تعاون سان هلندو جنهن بابت سجاول ۾ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ طرفان سجاول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ايگريڪلچر جي آفيسر الهورايو ڊائريڪٽر بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سوبوديرو واسين جو قتل ڪيس جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ ڪوڪر واسين سليم، قاسر، امير حسين ۽ ٻين سيشن ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڪيو

پوليس امام بخش ڪوڪر جي قاتل جوابدارن کي مهينو گذرڻ باوجود گرفتار نٿي ڪري: مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) سوبوديرو پرسان ڪوڪر ڳوٺ جي رهواسين محمد سليم ڪوڪر غلام قاسم امير حسين راض علي ڪوڪر ۽ ٻين سيشن ڪورٽ خيرپور ٻاهران سخت سردي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو اٿن هڪ مهينو اڳ سوبوديرو جي معزز شخصيت امام بخش ڪوڪر جي قتل جي مڪ جوابدارن جي ضمانت رد ٿيڻ باوجود جوابدار کي هڪ بااثر وڪيل آفيس جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور مان دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين بهاري ويا، دڪاندارن جو احتجاج

خيرپور (ڊ ر) خيرپور اڪنامڪ زون ٿاڻي جي حد ڏانورو ۾ حاجي محمد يوسف رند جي اسپيئر پارٽس دڪان مان نامعلوم چور دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جي چوري بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال ۾ تعليم کاتي جو انوکو ڪارنامو 12 استادن جي جبري بدلي خلاف مظاهرو

اسڪول مان 12 استادن جي جبري بدلي خلاف شهرين ۽ شاگردن احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي

تعليم کاتو شاگردن جي تعداد ۽ تعليمي معيار کي نظرانداز ڪري غلط فيصلا ڪري رهيو آهي: مظاهرين

اڏيرولال (ن ع) تعليم کاتي جو انوکو ڪارنامو اڏيرولال وليج جي ٻوائز هائر سيڪنڊري اسڪول مان 12 استاد بدلي تعليم کاتي طرفان هڪ ئي اسڪول مان 12 استادن جي جبري بدلي خلاف شهرين ۽ شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي ريلي ڪڍي وئي ريلي هائر سيڪنڊري اسڪول اڏيرولال وليج کان شروع ٿي مين ٽنڊوآدم واڀا ڪبير روڊ تي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام حيدر ۾ دڪان کي باهه، پوهيت دڪاندار کي لکين رپين جو نقصان

طارق علي گاڏهي جي دڪان کي باهه لڳڻ سبب 13 لک رپين جو سامان سڙي خاڪ

متاثر دڪاندار جو اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي مدد ڪري جي اپيل

ٽنڊو غلام حيدر (ن ع) ٽنڊو غلام حيدر وليج ۾ پوهيت دڪاندار طارق علي گاڏهي ولد حاجي غلام صديق گاڏهي جي دڪان کي رات جي وقت باهه لڳي وئي جنهن سبب الا ٽالها سڙي رک ٿي ويو جنهن سبب پوهيت جي سموري زندگي جي ڪمائي ۽ گهر جو گذر سفر ختم ٿي ويو ان موقعي تي متاثر پوهيت طارق علي گاڏهي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ هٿيارٻند جي گهر تي ڪاهه، لکين رپيا روڪ، سون ۽ قيمتي سامان جي ڦرلٽ

وڏي ڪمانگر حويلي ۾ ٽن هٿيارٻندن علي شيخ جي گهر ۾ داخل ٿي مردن ۽ عورتن جا هٿ پير ٻڌي يرغمال بڻايو

هٿيارٻند 10 تولا سون، والده جي پينشن جي رقم، روڪ رقم، موبائل فون ۽ ٻيون قيمتي شيون ڪٽي ويا

واقعي واري هنڌ تان ڌوهارين جون ڇاپلون هٿ آيون آهن، جلد ڌوهارين کي گرفتار ڪنداسين: پوليس

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ۾ هٿيارٻند ڌوهارين جي گهرن ۾ واردات، گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپين جي ڦرلٽ، شهر جي انتهائي مصروف علائقي ۾ هٿيارٻند ڌوهارين ڏينهن ڏٺي جو هڪ گهر ۾ گهڙي، گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي سون، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦري ورتو واقعو لکيدر ٿاڻي جي حد ۾ واقع وڏي ڪمانگر حويلي ۾ پيش آيو شهري علي شيخ جي گهر ۾ صبح اٺ لڳ ڀڳ 8 وڳي ٽي اڻڄاتل هٿيارٻند ڌوهاري ديوار ٽپي اندر داخل ٿيا. ڌوهارين گهر ۾ موجود مردن ۽ عورتن جا هٿ پير ٻڌي، اکين تي پٽيون ٻڌي ڪين هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو متاثر گهر مالڪ موجب ڌوهاري پوري اطمينان سان گهر جي تلاشي وٺندا رهيا ۽ قيمتي سامان گڏ ڪري فرار ٿي ويا. متاثر شهري علي شيخ ٻڌايو ته ڌوهاري 10 تولا سون، والده جي پينشن جي رقم روڪ رقم، موبائل فون ۽ ٻيون قيمتي شيون ڪٽي ويا. جڏهن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميڊيا جي آزادي خلاف قانون جو جائزو نه ورتو ويو ته تحريڪ هلائي ويندي: افضل ٻٽ

ملڪ ۾ صحافين جي ڪنوينشن جي سفارشن جي روشني ۾، پي ايف يو جي حڪومت کي مسودو پيش ڪندي

ميڊيا ۽ اظهار جي آزادي جي خلاف شقن جو جائزو نه ورتو ويو ته پوري ملڪ ۾ هڪ مڪمل تحريڪ شروع

جيڪڏهن حڪمران پنهنجو خيال نه رکندا ته توهان قلندر هوندا: سکر ۾ پي ايف يو جي ڪنوينشن خلاف خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) جي صدر افضل ٻٽ، سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ اعلان ڪيو آهي ته ملڪ ڀر ۾ منعقد ٿيندڙ صحافين جي ڪنوينشن جي سفارشن جي روشني ۾، پي ايف يو جي حڪومت کي هڪ مسودو پيش ڪندي، پاڪستان جي آئين جي خلاف ورزي ڪندڙ شقن جي سجاڳيءَ ڪندي، جنهن ۾ پي ايف يو جي سميت، اظهار جي آزادي ۽ پريس جي آزادي جي خلاف ۽ سياسي پارٽين جي حمايت بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

پيٽ شاهه ۾ الڪوثر اسڪول جي اهتمام هيٺ سائنسي ميلي جو اهتمام

ميلي ۾ پيٽ شاهه ۽ آسپاس جي 26 اسڪولن جي شرڪت، سائنسي ٽيبلوز ۽ ماڊلز پيش

پروفيسر الله جڙيو ۽ ٻين بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن کي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا

پيٽ شاهه (ن ع) پيٽ شاهه ۾ الڪوثر اسڪول جي اهتمام هيٺ قرار جي ڪناري تي هڪ شاندار سائنسي ميلي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پيٽ شاهه ۽ آسپاس جي 26 وڌيڪ اسڪولن جي شرڪت ڪئي. سائنسي ٽيبلوز ۽ ماڊلز پيش ڪيا هن سائنسي ميلي ۾ پروفيسر الله جڙيو پروفيسر منور علي پنجاري محمد علي سيري سيد اعظم شاهه غلام مصطفيٰ... بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: حدخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪاميٽي جو فوتي ڪوٽا تي نوڪرين نه ڏيڻ خلاف احتجاج

ٽنڊوالهيار (ن ع) آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪاميٽي ٽنڊوالهيار پاران فوتي ڪوٽا تي نوڪرين نه ڏيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي لالا ظهير پٺاڻ، غلام نبي ڪلوئي، مجيد درس، غلام فاروق لغاري، حاجي اڪبر گرڙ ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته سپريم ڪورٽ جي آرڊر باوجود سنڌ حڪومت فوتي ڪوٽا جا ڪيس بحال ناهي ڪري رهي جيڪا سراسر اسان يتيمن سان ناانصافي آهي جڏهن ته ملڪ جي ٻين صوبن ۾ سپريم ڪورٽ جي آرڊر تي عمل ڪندي فوتي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سنڌ آبادگار بورڊ جو شگر ملن ۾ پيڙهائي سست ڪرڻ تي ڪمشنر کي خط

شگرملون رات وقت تي جاتي والي ڪمند جي پيڙهائي عمل سست ڪري ڇڏين ٿيون: خط

شگر ملن آبادگارن کي اڳواٽ آگاهه بنائي ڪانسواءِ ڪمند خريد ڪري رهيون آهن

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ شگر ملن ۾ ڪمند جي پيڙهائي سست ڪرڻ ۽ آبادگارن کي اڳواٽ ٻڌائڻ بنا ڪمند جي خريداري ڪرڻ جي پيچڪڙي قرار ڏيندي ان تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪير ڪمشنر کي خط لکي چيو آهي پنهنجي خط ۾ سنڌ آبادگار بورڊ چيو آهي ته مختلف ضلعن خاص طور تي ضلع لاڳاپيل ايڪٽ جي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه ۾ پرپاسي بدامني تي ڪنٽرول نه، چور دڪان مان لکين رپين جو سامان بهاري ويا

جي پرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني سبب شهري سخت پريشان آهن ڪاهي بس اسٽاپ تي واقع ڪرياڻ جي دڪان تي نامعلوم چورن رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي ڌاڙو هنيو آهي جنهن دوران چور لکين رپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. مليل ڄاڻ موجب چورن مختيار ڪڙو جي ڪرياڻ دڪان کي ڪٽ هڻي اندر داخل ٿي دڪان ۾ موجود آٽي جا ڪٽا، ڪوڪاڪولا تيل جا ڊبا ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪٽي ويا. بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: آل فوتي ڪوٽا ڪميٽي پاران نوڪرين نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ اقصيٰ پبلڪ هائير اسڪول ۾ ثقافتي ۽ تعليمي ڪانفرنس

شاگردن پاران اسڪول ۾ قومي گيتن تي ٽيبلوز ۽ رقص، شاگردن کي شيلڊون پيش

اسان جي ثقافت قديمي آهي جنهن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هن قسم جا پروگرام ڪرايا وڃن ٿا: مقرر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي اقصيٰ پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ثقافتي ۽ تعليمي ڪانفرنس جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ اسڪولي شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪري رقص ڪيو ويو جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي رزلٽ انائونس ڪري شيلڊون پڻ ڏنيون ويون ان موقعي تي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ملٽي: قومي صحت جي خدمتن ۽ هم آهنگي بابت قائمه ڪميٽي جو اجلاس

اجلاس ۾ مهيش ملاڻي، سيد مصطفيٰ ڪمال، شهزاد علي خان ۽ ٻين جي شرڪت

اجلاس ۾ ڪميٽي هيلٿ سروسز اڪيڊمي جي مجموعي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو

ملٽي (ڊ-ر) قومي صحت جي خدمتن ضوابط ۽ هم آهنگي بابت قومي اسيمبلي جي قائمه ڪميٽي جو اجلاس هيلٿ سروسز اڪيڊمي اسلام آباد ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڪئي اجلاس ۾ قومي صحت جي وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال هيلٿ سروسز اڪيڊمي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر شهزاد علي خان وزارت جي اعليٰ اختيارين بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ احمد راڄو لڳ ٽينڪر کي باهه، ڊرائيور سڙي زخمي، اسپتال منتقل

بدين (ڊ ر) احمد راڄو لڳ گئس فيلڊ مان ايل اين جي گيس ڀري اينڊ ٽينڪر کي گولاڙچي احمد راڄو روڊ تي اوچتو باهه ورڪڙي ويئي جنهن جي نتيجي ۾ ٽينڪر سڙي رک ٿي ويو باهه لڳڻ سبب ٽينڪر جو ڊرائيور پڻ ٽينڪر مان هيٺ لهندي سڙي زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ اسپتال ريفر ڪيو ويو واقعي جو اطلاع ملڻ تي گولاڙچي سان فائر بريگيڊ موقعي تي پهچي باهه وسائي جڏهن گولاڙچي احمد راڄو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ شاهپنجون ۾ بدامنيءَ جو راڄ، واپارين کان لکين رپين جي ڦر، احتجاجي ڌرڻو

واقعي خلاف واپاري اڳواڻ جان محمد بروهي جي اڳواڻي ۾ ايل ايس بچاءَ بند تي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

جان محمد بروهي واپاري کي لٽيو ويو آهي، پوليس مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي: مظاهرين

اسان روزانو صبح سوير پورهئي لاءِ ميهڙ وڃون ٿا پر هر ٻئي ڏينهن اسان کي گن هٿيارن جي زور تي لٽيو وڃي ٿو

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ٽنڊو محمد خان جي شاهپنجون ٿاڻي جي حد ۾ واپارين جي ڦرلٽ خلاف جان محمد بروهي، رحيم عطار اقبال پيرزادو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايل ايس بچاءَ بند تي ڌرڻو هنيو ويو، شاهپنجون پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي... بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

عاصر لا ايسوسيئيشن رادڻ جو افتتاح، غريب عوام لاءِ مفت ڪيس وڙهڻ جو اعلان

نياز ڳهانگهرو سينئر وڪيل نصير احمد ملاح عاصر لا ايسوسيئيٽ آفيس جو افتتاح ڪيو

رادڻ (ن ع) عاصر لا ايسوسيئيشن رادڻ جا وڪيل غريب ۽ ٻي پهچ عوام لاءِ ڪيس مفت وڙهندا سينئر وڪيل نصير احمد ملاح عاصر لا ايسوسيئيٽ آفيس جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي وڪيل اعجاز علي جتوئي سياسي سماجي مزاحمتي... بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

عثمان شاهه ڏيري ويجهو پوليس مبينا مقابلي بعد زرعي زمين تان قبضو ختم ڪري مالڪ حوالي

پوليس حڪمت عملي جوڙي رات دير سان مقابلي بعد هٿيارٻندن کي ڀڄائي زمين خالي ڪرائي

ايس ايس پي بااثر سميت ملوثن خلاف ڪارروائي ڪري ڏيل نقصان جو ازالو ڪرائي: مقامي زميندار

عثمان شاهه ڏيري (ن ع) عثمان شاهه ڏيري ويجهو ڏاسوڙي ٿاڻي جي حد ۾ هڪ هفتي کان زرعي زمين تي هٿيارٻند فائرنگ ڪري قبضو ڪيو ويٺا هئا جي ٽوئنس پوليس مبينا مقابلي بعد زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي مالڪ حوالي ڪري ڇڏي آهي ... بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: پوليس احتجاج روڪڻ لاءِ بيٺل آهي

نوشهروفيروز ۾ پوليس وردي پاتل ڌاڙيلن جي گهر تي ڪاهه، لکين رپين جو ڌاڙو، احتجاجي ڌرڻو

ايس ايس پي آفيس پرسان واپاري پرويز ڪوڪر جي گهر تي 5 هٿيارٻندن داخل گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

هٿيارٻند سون، روڪ رقم، موٽرسائيڪل قيمتي سامان سميت ٻوٽ ۽ جيڪيٽون به ٻهاري ويا

واقعي خلاف متاثر خاندان، برادري ۽ واپارين قومي شاهراهه تي ڌاڙو روڊ بند ڪري ڇڏيو

چار ڪلاڪ ڌرڻي سبب روڊ تي ٽريفڪ جام، ايس ايس پي جي ڳالهين کان پوءِ ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دادو: سڙي زخمي ٿيل عورت ڪراچي ۾ فوت، وارثن جو لاش رکي ڌرڻو، مڙس ۽ ڏيرن تي قتل جو الزام

مقتوله جي وارثن پاران دادو ايس ايس پي چوڪ تي عورت ضميران جو لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

ضميران کي ڏيڍ سال اڳ شادي ڪئي، ان کي مڙس شاهنواز ڏاڍو ماري ۽ جسماني تشدد ڪري جلائي ماريو: وارث

وارثن جو آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي دادو کان جوابدارن جي گرفتاري لاءِ انصاف جو مطالبو

دادو (ڊ ر) دادو لڳ ٿاڻي جي حد ... بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

دادو: سڙي فوت ٿيل عورت جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

هالا ۾ الڪوثر اسڪول طرفان سائنسي ميلو منعقد

شاگردن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل مختلف ماڊلز پيش ڪيا

اهڙيون سرگرميون ٻارن جي ذهني ۽ علمي ترقي لاءِ انتهائي اهم آهن: هيڊماستر

هالا (ت ر) هالا ۾ الڪوثر اسڪول طرفان سائنس ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل مختلف ماڊلز ۽ تجربا پيش ڪيا ۽ تخليقي منصوبن جي نمائش ڪئي. سائنس ميلي ۾ شاگردن فزڪس ڪيمسٽري، حياتيات، ماحوليات ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل منصوبا تيار ڪيا جنهن ۾ سولر سسٽم، پاڻي جي بچت، بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڀلڙي شاهه ڪريم گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جي اڳوڻو انچارج هيڊ ماسٽر پورو لال ٽنڊومحمدخان بدلي

ڀلڙي شاهه ڪريم (ڌ ر) گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جي سابق انچارج هيڊ ماسٽر ۽ فرسٽ اسسٽنٽ ماسٽر سر پورو لال بدلي ٿي ويو سر پورو لال عبدالرحيم ڪاتيار هاءِ اسڪول لال عبدالرحيم ڪاتيار ۾ پندرهن سالن تائين نهايت محنت سان درس ۽ تدريس سان مسلڪ رهيو اڄ هو بيماري سان صحتياب ٿيڻ بعد فوجي شوگر ملز بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي امن محبت مهمان نوازي ۽ ڀائيچاري واري سڃاڻپ کي ميسارڻ پيو وڃي: اسدالله ڀٽو

بدامني ڪرپشن ڌاڙيل راڄ ٽوڙي ڦٻيلائي جهيڙا سنڌ واسين خلاف وڏي سازش آهي

عوام کي مذي خارج نظام ٽوڙي ان جي چاڙهن خلاف نڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي/حيدرآباد (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي جي سينئر اڳواڻ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي ته اڄ جي سياست پنهنجي قوم ۽ وطن جي خدمت بدران ڪرپشن انا ۽ مفاد پرستيءَ جي ورڪڙي وئي آهي جنهن کي بهتري جي ڪا اميد نظر ڪرڻ ٿي اچي حڪمران حڪومت ۽ جمهوريت کي هٿ جي لٺ ۽ ڪيسي جي گهوڙي بنائي ڇڏيو آهي بدامني ڪرپشن ڌاڙيل راڄ ٽوڙي ڦٻيلائي جهيڙا ڌاريئي سنڌ جي امن محبت مهمان نوازي ۽ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مسوپرگڙهي: ايس پي ايڇ ايف ۽ برطانيا جي وفد جو طالب مولا ڪالوني جو دورو

ڳوٺ ۾ برسات متاثرن جي تعمير ٿيندڙ گهرن جي ڪم جو جائزو ورتو ويو

ڊاڪٽر شيخ تنوير ۽ ڊاڪٽر خورشيد اختر سميت برطانيا جي وفد کي اجرڪ جا تحفا پيش

متاثرن جي پيار محبت ڏسي خوشي ٿي، گهر تعمير جو ڪم مڪمل ٿي رهيو آهي: وفد

مسوپرگڙهي (ن ع) مسوپرگڙهي پرسان ايس پي ايڇ ايف ۽ برطانيا جي وفد پاران طالب مولا ڪالوني جو دورو ڪيو ويو جنهن ۾ برسات متاثرن جي تعمير ٿيندڙ گهرن جي ڪم جو جائزو ورتو ويو ۽ آڳواڻي ۾ طالب مولا ڪالوني جي ملاح ٻاڙي ۾ ايس پي ايڇ ايف جي چيئرمين ڊاڪٽر شيخ تنوير ۽ مانچسٽر انگلينڊ جي گيسٽرو اينٽرولوجسٽ جي ماهر ڊاڪٽر خورشيد اختر سندس گهرواري هيزل ۽ ڌي اميرا جي دهل شرنائين سان آجيان ڪئي وئي دوري دوران هڪ گهر جي بنياد جو ربن ڪاٽي افتتاح پڻ ڪيو ويو جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران برطانيا جي وفد ايس پي ايڇ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ حدخلين خلاف آپريشن تيز غير قانوني اسٽال ۽ عارضي حدخليون هٽايون ويون

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ حدخلين خلاف آپريشن تيز ڪيو ويو سرڪاري اسپتال جي چوڌاري ۾ حدخليون هٽايون ويون ميهڙ جي حدخلين خلاف آپريشن تيز ڪيو ويو... ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گلي مختيارڪار ميهڙ پرويز احمد ملڪ آصف علي ٽنيو جي اڳواڻي ۾ حدخلين خلاف پوليس آفيسرن ۽ ميونسپل ڪميٽي ميهڙ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، راڪا ڌاڙيل گروپ جا 4 جوابدار گرفتار

گودڙا ۽ سيڪٽر 11- جي مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار سوکها

جوابدارن وٽان 4 پسٽل، 4 ميگزين ايمونيشن سميت ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقن گودڙا ۽ سيڪٽر 11-جي مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "راڪا ڌاڙيل گروهه" جي 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدارن ۾ ڪاشف عرف راڪا ولد محمد سعيد، محمد الياس ولد محمد اياض، امير حمزه ولد غلام مصطفيٰ ۽ ياسين عرف دادا ولد محبوب سلطان شامل آهن. رينجرز موجب جوابدارن بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نوجوان پيراگلائيڊر اڏائڻ لاءِ تيار ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلي هڪ جوابدار مارجي ويو ۽ هڪ زخمي گرفتار

بلوچ ڪالوني محمود آباد ۽ حنيفيه مسجد جي ويجهو پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز ۾ مقابلو ٿيو

مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، مقابلي دوران هڪ اهلڪار ۽ هڪ اهلڪار به زخمي ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ بلوچ ڪالوني ٿاڻي جي حد محمود آباد نمبر 3 ۾ حنيفيه مسجد جي ويجهو پوليس ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ڪانيو مقابلو ٿيو جنهن ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو ۽ 1 جوابدار زخمي ٿي پيو آهي. پوليس موجب مارجي ويل ملزم جي سڃاڻپ سهيل ٻٽ قاسم طور ٿي آهي جڏهن ته زخمي ملزم جي ٽالي جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي جڏهن ته پوليس اهلڪار حماد علي ٻٽ غلام علي زخمي ٿيو زخمي پوليس اهلڪار بلوچ ڪالوني ٿاڻي تي انٽيليجنس ۾ مقرر هو جوابدار جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيو پوليس مقابلي جي دوران واڪهڙو 12 سالن جو ٻار محمد بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گئس سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل ٻن ورهين جو ٻارڙو به فوت

لهر ڪالوني ۾ 25 ڏينهن اڳ ٿيل ڌماڪي جي زخمي ڪاشف پٺاڻ ڪراچي اسپتال ۾ دم ڏنو

واقعي ۾ مبلي هيئيان ڌيجي ۽ سڙڻ جي 3 عورتون ۽ 3 ٻارڙا فوت ٿي چڪا آهن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي لهر ڪالوني ۾ 25 ڏينهن اڳ مبينا گئس سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل 2 ورهين جو ٻارڙو محمد واسع پٽ ڪاشف پٺاڻ ڪراچي سول اسپتال جي برنس وارڊ ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ فوتين جو انگ وڌي 6 ٿي ويو آهي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد بسنت هال ۾ "متجندڙ سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي ماحول ۽ ثقافتي ورثي تي ان جا اثر" جي عنوان سان ويهڪ

ماحوليات جي ماهرن ۽ ثقافتي دانشورن پاران سنڌو درياهه جي آهستي سُڪجڻ ۽ ان جي ثقافتي ۽ ماحولي اثرن تي تفصيل سان ڳالهه ٻولهه

معروف اسڪالر عطا چانهيو ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي سنڌو ۽ سرسوتي تهذيبن جا لاڳاپا ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ درياهه جي اهميت تي روشني وڌي

ماحولياتي محقق عامر بزل خان ۽ سياح سلمان رشيد سنڌو درياهه جي سُڪجڻ ڪانيو پيدا ٿيندڙ ماحولي بحران ۽ تاريخي نقصان تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) بسنت هال ڪلچرل سينٽر ۾ "متجندڙ سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي ماحول ۽ ثقافتي ورثي تي ان جا اثر" جي عنوان سان هڪ فڪري ۽ علمي ويهڪ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ماحوليات جي ماهرن محققن دانشورن ۽ تاريخدانن سنڌو درياهه جي آهستي آهستي سُڪجڻ ۽ سنڌ جي تهذيب، ماحول ۽ اجتماعي شعور تي پوندڙ گهرا اثر تفصيل سان بيان ڪيا ويهڪ جي شروعات لوڪ ڳائڪن پاران شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سُر سامونڊي سان ٿي جنهن بيٺي جي درد ۾ پيري پيشڪش سان ٿي جنهن درياهه کي رڳو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

انور پيرزادو محبت ۽ امن جو سفير بيباڪ عوام دوست اديب ۽ صحافي هو: سڄاڻ ڏيريون

اڄ جي صحافت انور پيرزادو جي اصولن مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان لاچار آهي

مرحوم جي انسان دوستي ۽ محبت واري پيغام کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي: ورسي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انور پيرزادو محبت ۽ امن جو سفير بيباڪ عوام دوست اديب ۽ صحافي هو جنهن هميشه حق ۽ سچ جو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڦليلي واهه ۾ بندش سبب واهه سڪل نظر اچي رهيو آهي

يورپ جي جنگ واري صورتحال دنيا جي پوري خطي لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهي ٿي: نويد قمر

آمريڪا کي عالمي قانون جي پيچڪڙي بجاءِ اقوام متحده جي اصولن تي قائم رهڻ گهرجي

پاڪستان امن جي سلامتي لاءِ پوري دنيا ۾ پنهنجو سفارتي ڪردار بهتر ادا ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي سياست ۾ پ پ سان تحريڪ انصاف جو ڪو به سياسي معاهدو نه ٿيو آهي نه وري اتحاد لاءِ ڪا ڪوشش ٿي آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) اڳوڻي وفاقي وزير پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر چيو آهي ته يورپ جي جنگ واري صورتحال دنيا جي پوري خطي لاءِ خطرو ثابت ٿي سگهي ٿي، اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان انڊس ميڊيڪل يونيورسٽي جي انڊس اسپتال طرفان مفت طبي ڪئمپن ۾ خدمتون انجام ڏيندڙ سرجن، ڊاڪٽرن جي مجتبيٰ ڌنل ايوارڊ واري تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪرڻ ڪانيو صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو، هن چيو ته آمريڪا کي عالمي قانون جي پيچڪڙي بجاءِ اقوام متحده جي اصولن تي قائم رهڻ گهرجي، دنيا جي اندر عالمي جنگ جا اثر نه صرف بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسي نوجوان جو وڏي پاءِ جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لقمان ڪي ٽي اير افيسر ڪالوني واسي نوجوان محمد فهيم صديقي پنهنجي وڏي پاءِ جي ناجائزين خلاف احتجاج ڪيس هن ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي پاءِ جينڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پاءِ سان پراپرٽي جو مسئلو هلندڙ آهي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي 33 هين ورسي اڄ هالا ۾ ملهائي ويندي

هالا (ت ر) برک سياستدان پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي سينئر وائيس چيئرمين سرحوم مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي 33 هين ورسي اڄ هالا ۾ ملهائي ويندي. مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي 33 هين ورسي موقعي تي درگاهه حضرت مخدوم سرور نوح جا گادي نشين بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ سرڪاري ملازم جي صحافت خلاف شهري اتحاد پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سرڪاري ملازم جي صحافت تي شهري اتحاد جي طرفان حيدرآباد جي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ ۾ پٽيشن داخل ڪئي وئي آهي شهري اتحاد ٽنڊو محمد خان جي اڳواڻ محب علي حيدرآباد جي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ ۾ بيرسٽر بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ ڳوٺائي جو پنهنجي چاچي ۽ سندس پٽن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ احمد خاصخيلي جو رهواسي مختيار خاصخيلي پنهنجي چاچي سندس پٽن جي هٿان گهر مان چوري جي واردات تي اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي . ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺ احمد بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

اساتذه ڪوشش آهي ته وڌ کان وڌ اولاد کي تعليم جهڙي زيور سان مالامال ڪيون: نظير احمد بروهي

شهدادپور (ن ع) سنڌ بروهي اتحاد تعلقي شهدادپور جي صدر رئيس غلام علي بروهي پاران تازو چونڊيل عهديدارن جي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ سنڌ بروهي اتحاد ساڪنگهڙ ضلعي صدر نظير احمد بروهي ۽ ضلعي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر حاڪم بروهي سميت تعلقي ٽوڙي ضلعي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي هاءِ اسڪول جي ساليانه انسپيڪشن ڊي ايڇ او ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي بهترين تعليمي درسگاهه ميونسپل هاءِ اسڪول جي ساليانه انسپيڪشن ٿي گذري جنهن ۾ ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن شهيد بينظير آباد رياض احمد ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري اسڪولس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.